
اُپَ هيٺان اُجارا گيتَ لُڇن
Gul Hayat Institute
ع.غ "تبسم"

# اُپ هيٺان اُجارا گيت لُڇن!

عبدالغفار ”تبسم“

Gul Hayat Institute

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سڀ حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | اُپ هيٺان اُجارا گيت لُڇن |
| صنف | : | شاعري |
| ليکڪ | : | عبدالغفار "تبسم" |
| ڇاپو | : | پهريون، مئي 2001ع |
| ڪمپوزنگ | : | ورڊس ڪمپوزرس ڪراچي، فون 7771618 |
| ملهه پڪي جلد سان | : | 100 روپيا |
| ڇپائيندڙ | : | خليل جبران پبلشرز |


Gul Hayat Institute

# ارپنا

1۔ ورهاڱي کانپوءِ واري
سنڌي شاعريءَ جي لازوال تسلسل
شيخ اياز، استاد بخاري، نارائڻ شيام، تنوير عباسي، ذوالفقار راشدي ۽ مهراڻ ادبي سنگت نئون ديري ۾ ڪوٺي ادب جون اوائلي رهاڻيون رچائيندڙ تازو مارچ 2001ع ۾ گذاري ويل، محمد آچر ”مخمور“ جي نانءَ.
2۔ ورهاڱي کانپوءِ واري.
سنڌي موسيقيءَ جي لوڪ ورثي ۽ لوڪ پسند جي تسلسل،
ڀڳت ڪنوررام، جيوڻي ٻائي، سونا خان بلوچ، ماسٽر محمد ابراهيم، منو ڪڇي، مائي ڀاڳي، ماسٽر چندر، سينگار علي سليم، غلام الرسول نوابشاهي، موهن ڀڳت، فقير عبدالغفور، استاد منظور علي خان، استاد ارباب علي، گلزار علي خان، مصري فقير، ڦوٽي زرداريءَ، قمر سومري، بيگم فقيرياڻيءَ، موسيٰ حسين سمي، الله وسائي، ڊول فقير، سوشيلا مهتاڻيءَ، روبينه قريشي، جيجي زرينه بلوچ، محمد جمن، سرمد، نور بانو منا خان، مصري خان جمالي، خميسو خان، اقبال جوڻي، سليمان شاهه، سهراب فقير، غلام قادر لنجواڻي، عصمت بانو منهنجي سانپر واري سماعتن کي موسيقيءَ جي سرن سان هم آهنگ ڪندڙ استاد نبن مهيسر، وحيد علي، سنڌ جي نه وسرندڙ آواز محمد يوسف، ڀڳونتي ناواڻي، موسيقار غلام نبي عبداللطيف، فيروز گل، نياز حسين، بلاول بيلجم ۽ سنڌ جي عوامي سماعتن کي نئون رخ ڏيندڙ ڇيڙيءَ ۽ يڪتاري جي عوامي راڳي جلال چانڊئي ۽ ڪيترن اڻڄاتل ۽ گمنام ڪلاڪارن جي نانءَ.
3۔ سنڌوءَ جي امر ڏاراڻ جي نانءَ، جنهن جي وقتي سوڪهڙي کي سامهون رکي ڪل سنڌين جي ايڪتا جو سينو ساڀيان ٿي پئي ۽ رٺل جل کي واپس ورائڻ لاءِ اڻ ٿڪ جدوجهد ڪندڙ سورمن، سورمين جي نانءَ پڻ.

Gul Hayat Institute

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”اُپ هيٺان اُجارا گيت لُڇن“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب نامياري شاعر **عبدالغفار تبسم** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. شمشيرالحيدري لکي ٿو:

”تبسم خواص جو پسنديده ٻالڪ ٻڻجڻ بدران عوام جو دلپسند دوست ٻڻجي ويو آهي. توهان ڪشمور کان وٺي ڪيٽي بندر ۽ ريتي کان کيرٿر جي پهاڙي سلسلن تائين جتي به ويندا، اتي خوبصورت آوازن جو روپ وٺي تبسم جي شاعري ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندي نظر ايندي. تبسم لفظن کي معنائن جا انوکا رنگ اوڍائي هڪ پاسي سونهن، ادائن، اوسيئڙي ۽ وڇوڙي جي اڻ مٽ احساسن کي امرتا بخشي آهي ته ٻئي طرف اجتماعي تذليل، قومي غلامي ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل بي مقصديت جي منظر ڪشي پڻ اهڙي ته موثر انداز ۾ ڪئي آهي جو هڪ عالم ڪان وٺي اُميءَ تائين هر شخص آسانيءَ سان سندس اضطراب ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي ٿو. هن پنهنجي تخيل کي گوڙهن محاورن ۽ ڳجهارتن جو محتاج ڪرڻ بدران عوامي ٻوليءَ جي سلوٽائپ ۾ اوتي پنهنجي آواز کي سرحدن جو قيدي نه ٻڻايو آهي.“

هي ڪتاب خليل جبران پبلشرز پاران 2001ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون سائين عبدالغفار تبسم صاحب جا جنهن هي ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

Gul Hayat Institute

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# اي رات ڏيري پڙ تون!

اڄوڪي پوِنءِ واد (Globalisation) واري دور ۾ شاعريءَ جي مستقبل بابت، خاص طور تي اسريل دنيا ۾، پڪ سان ڪا به ڳالهه نٿي چئي سگهجي. ڇاڪاڻ جو اطلاع جي نون ذريعن، گهڻ پاسائين هنر، هر وارتا کي ايترو ته ٽڪرو مختصر ۽ محدود ڪري ڇڏيو آهي، جو شاعريءَ جهڙيون گهريون ۽ لامحدود واٽون پنهنجي پراڻي مرتبي جي حصول لاءِ بقا جي جنگ وڙهي رهيون آهن. جيتوڻيڪ يورپ، اولهه منجهه اڄڪلهه شاعري موسيقيءَ جي محتاج ٿي ڪمرشلزم هٿان ڪٺي پئي وڃي. پر ساڳي صورتحال جيئن جو تيئن اسان جهڙن سماجن ۾ لاڳو نٿي ٿي سگهي. انهيءَ اولهه ۽ اسان جون ترجيحون اڄ به مٿيل ۽ الڳ آهن. اسان کي مخصوص حالتن ۾ رهندي ڪئين محاذن کي منهن ڏيڻ لاءِ شاعريءَ جي اڃا به تمام گهڻي ضرورت آهي، جيڪڏهن عظيم انگريز شاعري وردس ورٿ جي ڳالهه، ”شاعري قومي جذبن جي بي اختيار ڇلڪڻ جو نالو آهي،“ درست آهي ته پوءِ اهو قبول ڪرڻو پوندو ته اوير ۽ خاص ڪري سنڌ جهڙن نيم غلام معاشرن لاءِ شاعري هينئر به بي انتها اهميت رکي ٿي. ڀانهپ ۾ ڳهندڙ تمام گهڻيون قومون نه رڳو قومي رياست (Nation State) جو رتبو حاصل ڪرڻ ۾ اڄ تائين ناڪام ٿيل آهن، پر ترقيءَ جا جيڪي عالمي معيار آهن، تن تي به پوريون نٿيون لهن. اسان وٽ اوريجنل ترقيءَ جو ته تصور ئي سرجي نه سگهيو آهي. پر ٻين جي ٿيل ترقيءَ منجهان به اٽپورو فيض حاصل پيا ڪريون، ڇو جو انٽرنيٽ سميت ٽيڪنالاجيءَ جون جيڪي جدتون آهن، تن کان سنڌ جي هڪ سيڪڙو آبادي به واقف نه آهي. ابتريءَ جي اهڙي حالت ۾ ڳهڻ ڪري لازمي آهي ته اسين پنهنجي قومي جذبن کي ايتري تائين ڇلڪائيندا رهون، جيستائين اهي وسيع تر قومي حاصلات جي تڪميل جو سبب نٿا بڻجي پون. اسان جهڙن ڏتڙيل سماجن ۾ اهڙي اجتماعي حاصلات لاءِ آڱرين تي ڳڻڻ جوڳن ذريعن مان هڪ سگهارو ذريعو (Medium) شاعريءَ جو شعبو به ٿي سگهي ٿو.

پر سوال آهي ته اها ڪهڙي شاعري آهي، جيڪا انهيءَ تڪميل کي ممڪن بڻائي؟ اهڙا بيمقصد لفظ، جيڪي سُرن جي لئه ۽ جسمن جي لچڪ جي سهاري ڏوڪڙ ڪمائڻ جو ڪارنامو سرانجام ٿا ڏين! يا

ڪوتا جي نالي ۾ ٿيندڙ حرفن جو اهو ستاءُ جيڪو وقت پاس ڪرڻ لاءِ بنيادي محرڪ بڻجي سگهي ٿو...

ظاهر آهي ته شاعريءَ جا هي ٻئي پهلو اسان جي اجتماعي آرزوئن جا ترجمان نٿا ٿي سگهن. سنڌ کي انهيءَ شاعريءَ جي ضرورت آهي جيڪا هتان جي حالتن مناسب ترين اولڙو بڻجي سگهي ۽...... ڪڏهن اها اسانجين امنگن جيان تيزيءَ تکي هلي ته ڪڏهن وقت جي رمز کي سمجهندي نهايت ڌيمي ٿي وڃي. اهڙي شاعريءَ جيڪا ٿڪاوٽ جي احساس کي رفع ڪرڻ لاءِ نغمو بڻجي سماعتن جي پاتال ۾ لهي سگهي ۽ جبر جي خلاف جاڪوڙ دوران جنگي نعري جو روپ وٺي سگهي، سنڌ اندر هن دور ۾ اهڙين شاعراڻين سٽن جي سرجنا ضروري آهي، جيڪي سٽون نيارپ جا نوان عنوان پيدا ڪري ساڳيائپ ۽ ورجاءَ جو خاتمو ممڪن بڻائي سگهن، يعني ڪتا ۽ ڪلا جي اهڙي سڪٽي طلب به ڪانهي، جو مڙئي قومي امنگون هڪ اٽوٽندڙ رٽي کان وڌيڪ اهميت نه رکن ۽ تصوراتي ڏيڻ ۾ ترڪندڙ انهيءَ نظم جي گهرج به ڪانهي، جيڪو نظم رڳو زلفن، وچوڙن ۽ آلاپن جي ور چڙهيل هجي، سنڌ جي ڪوتا کيتر ۾ ٿيندڙ لاتعداد تجربن جي مانداڻ ۾ هڪ اهڙي اعتدال جي تلاش آهي، جيڪو سنڌ جي سماجي زندگي ۽ ان سان لاڳو حالتن جي حقيقي منظرڪشي ڪندي فڪر، تخيل، تجربي، مشاهدي ۽ تجربي جي وچ ۾ ڪنهن بيمثال تال ميل جو باعث بڻجي سگهي، شايد اهو سوچيندي ئي سنڌ پوئين صديءَ ۾ اياز، استاد، شمشير، راشدي، نياز ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جنم ڏنو، جن پنهنجي شعر کي ٻين سماجن جو بي مقصد نقل بڻائڻ بجاءِ سنڌ جي حالتن جو اصلوڪو آئينو بڻائڻ ۾ سوڀ حاصل ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ ئي ڪنهن حد تائين اجتماعي جاڳرتا ممڪن بڻي.

اهو پسمنظر ذهن ۾ رکندي اسين چئي سگهون ٿا ته عبدالغفار تبسم جي شاعري پڻ پنهنجي دور جي تقاضائن ۾ ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ هڪ اهم ترين تخليقي عنصر جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. گذريل ويهن سالن کان تبسم نه رڳو فارسي زده شاعري سرجڻ وارو واڌو ڪم نه ڪيو آهي، پر هن تمام وڌن راڪاس جهڙن ڪوتاڪارن جي وچ ۾ پنهنجي وجود کي شدت سان محسوس ڪرايو آهي، تبسم سنڌ جي سماجي زندگيءَ کي اصلوڪي صورت ۾ چٽڻ سان گڏ ان کي ريڊيو، ٽيليويزن، ڪئسٽ، ڪتابن ۽ سي ڊيءَ جي ذريعي ٽئڪنالاجيءَ جي نون رخن سان سلهاڙي هر گهر، هوٽل، اوطاق ۽ آستاني تائين پهچائڻ ۾ بي حساب سرسي ماڻي آهي... ۽ اهڙي طرح خواص جو پسنديده ٻالڪ بڻجڻ بدران عوام جو دلپسند دوست بڻجي ويو آهي. توهان ڪشمور کان وٺي ڪيٽي بندر ۽ ريتي کان ڪيرٿر جي پهاڙي سلسلن تائين جتي به ويندا، اتي خوبصورت آوازن جو روپ وٺي تبسم جي شاعري ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندي نظر ايندي، ائين به ڪونهي ته سندس تخليق ۾ ڪئسيٽي شاعرن واري

اها روايتي چسائپ، اگهاڙپ ۽ سطحي پڻو ڇانيل آهي، جيڪي انساني جذبن ۾ عارضي هيجان پيدا ڪري تڪڙي شهرت جو سبب ٿي پون ٿا. بلڪ تبسم لفظن ڪي معنائن جا انوکا رنگ اوڊائي هڪ پاسي سونهن، ادائن، اوسيئڙي ۽ وڇوڙي جي اڻ مٽ احساسن کي امرتا بخشي آهي ته ٻئي طرف اجتماعي تذليل، قومي غلامي ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل بي مقصديت جي منظر ڪشي پڻ اهڙي ته موثر انداز ۾ ڪئي آهي جو هڪ عالم ڪان ونئي اُميءَ تائين هر شخص آسانيءَ سان سندس اضطراب ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي ٿو. هن پنهنجي تخيل کي ڳوڙهن محاورن ۽ ڳجهارتن جو محتاج ڪرڻ بدران عوامي ٻوليءَ جي سلوٽائپ ۾ اوتي پنهنجي آواز کي سرحدن جو قيدي نه بڻايو آهي.... ٽئڪنالاجيءَ ۽ تخليق جي انهيءَ خوبصورت سنگم جو ئي نتيجو آهي جو تبسم عام توڙي پڙهيل حلقن ۾ هڪ ئي وقت قدر ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. اهڙي متوازن تخليق ڪندي هن جڻ ته ”ڪالريج“ جي شاعريءَ بابت هنن خيالن کي تعبير جي نويد آچي آهي، ڪالريج چوندو هئو: ”بهترين لفظن جي استعمال کي نثر چئجي ٿو. جڏهن ته بهترين لفظن جو بهترين استعمال شاعريءَ جو نالو آهي.“

اها حقيقت آهي ته اسان جي باصلاحيت شاعر نه رڳو لفظن جي چونڊ ۾ پاڻ موکيو آهي، پر ان چونڊ جي بهترين استعمال ۾ پڻ ڪمال حاصل ڪيو آهي.

سندس شعرن جو هي ڍڪڻو انهيءَ دعويٰ جي تجديد جو هڪ روشن مثال آهي، پنهنجي تازي شعري مجموعي ۾ تبسم پلي ته موضوع پراڻا چونه ڪنيا هجن، پر انهن کي احساس جي اهڙي تازگيءَ سان ٽڙ ڪرايو آهي جو لڳي ٿو ته سندس تخليق جي جوهر انهن موضوعن کي جڻ پهريون ڀيرو ڇهيو آهي:

دهليز تي پڄي، هو دل هول ۾ مري ويو.

هن کي پنهنجي پرينءَ وٽ پهچڻ عجب لڳو.

توهان هنن سٽن ۾ محسوس ڪري سگهو ٿا ته هڪ لفظ به اهڙو ناهي، جيڪو روايتي معنيٰ جي حساب سان مشڪل پيدا ڪري پڙهندڙ لاءِ مونجهاري يا سمجهه جي وٿيءَ (Communication Gape) جو سبب بڻجي..... پر تمام تر سادگيءَ جي باوجود هڪ سچي چاهيندڙ کي عمر ڀر جي پورهئي کان پوءِ ملندڙ منزل جو تذڪرو جنهن ڪيفيتي گهرائيءَ سان تبسم ڪري ٿو. تنهن منجهان اندازو ٿي سگهي ٿو ته هو ڇهن ٻارن جو ڪرڙوڊ پيءُ نه پر هڪ نوجوان (Teen Ager) چترڪار آهي، جيڪو احساساتي منظرنگاريءَ چٽڻ ۾ ڪمال جي مهارت رکي ٿو. عمر جي تبديليءَ هن جي گهري مشاهدي کي ذرو به تبديل نه ڪري سگهي آهي. اها ساڳي ڪيفيت ڪنهن عام رواجي عاشق سان ڇو هڪ وطن دوست انقلابيءَ سان به سلهاڙي سگهون ٿا. جيڪو منزل ملڻ جي خوشيءَ ۾ ختم ٿي سگهي ٿو. هڙي شاندار احساس ۾ گهرائي ۽ لفظن ۾ ههڙي سادي عڪسيت ڪنهن عام رواجي شاعر جي ميراث



Gul Hayat Institute

هرگز نٿي ٿي سگهي. انهيءَ خوبيءَ جو تنقيد جي صاحبن وٽ ايڏو ته وڏو مان مرتبو آهي جو سي ايم جو به انهيءَ ڏانءَ جي واکاڻ ڪندي چئي وينو هو: ”زندگيءَ جي عڪاسي ڪرڻ جڙ ته ادب کي زندگيءَ جو ويس پهرائڻ آهي.“

تبسم وٽ اها عڪاسي فقط ڪنهن هڪ حلقي، رخ، منظر يا موضوع جي محتاج ناهي، بلڪ اها ته فرد کان اجتماعي تائين پنهنجو ڦهلاءُ رکي ٿي. سندس سوجهي زندگيءَ جا مختلف ڇهاءُ جنهن لمحي يا موڙتي ڪري ٿي سندس ذات ان لمحي يا موڙ کان اڳ ئي پنهنجا درست اندازا طئي ڪري ٿي وٺي، بلڪل ائين جيئن ڪو سالڪ پرارٿنا جي تيري شروع ڪري پر سچو ساڌو سندس من ۾ موجود امنگن جي شدت کي اول ئي محسوس ڪري وٺي، اهڙي ساڌوءَ اڳيان سالڪ جي سموري عبادت ڪنهن اڳوات ڏنل منظر جي عملي صورت کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندي، ڇاڪاڻ جو هڪ سنت جو ادراڪ صدين جي تفڪر ۽ تدبر تي محيط هوندو آهي، جڏهن ته سنڌائتو سرير ڪهن به مهان آتما جي مهانتا ثابت ڪرڻ لاءِ فقط حوالي جو ڪم ڏيندو آهي. تبسم جي شاعريءَ ۾ عڪسيت جي شدت پڙهندي محسوس ٿو ٿئي ته هر منظر، احساس، ڪيفيت کي سندس ادراڪ جي اک جڙ ته ظاهر ٿيڻ کان اڳ ئي پروڙي ورتو هئو. وٽس موجود شڪتي اهڙي لياقت جي شاهدي ٻئي هنڌان نه پر سندس شاعريءَ منجهان ئي ملي سگهي ٿي. سندس سٽون:

هن سنک جي صدا جا مندر جي مورتين کان،
ڇا ٿو اثر پڇين! تون مون کان پڇ مکي!

پڙهندڙ کي آسانيءَ سان محسوس ٿي سگهي ٿو ته بيمثال ادراڪ هجڻ ڪري ڪنهن به منظر کي پيش ڪندي وٽس ڪيترو فنڪارانه اعتماد موجود آهي، توهان ٿورو غور ڪندي به ڄاڻي وٺندا ته سنک، مندر، مورتين ۽ مکيءَ جا ته فقط نالا ۽ ڪردار آهن، دراصل اهي مڙئي ڪردار وقت جي پڪار يا هلندڙ دور جون حالتون، قومي ادرا، انهن ۾ ويٺل اسان جي قيادت ۽ ڪائنات حساب ڪتاب پڇندڙ کي بي ڏيا انسان آهن، شاعر اهڙي منظر نامي ۾ صدين جو تجربو ۽ هزارين ورهين جي تاريخ ٻڌجي سنک ٻڌجي ظاهر ٿئي ٿو ۽ صدين جي انبياءُ کي نروار ڪرڻ جي شڪتي رکي ٿو. هوئين به ڪائناتي ذهن هر پهلوءَ يا ڳالهه کي جز نه پر ڪُل ۾ بيان ڪندو آهي، شاعر فني تجربن جو سهارو وٺي انتشار مان اپريل وارتائن کي نسبتي انداز ۾ سگهارن اشارن ۾ پيش ڪندي تخليق ۾ بظاهر الوپ ٿيل غير معمولي معقوليت جو پرم رکندو آهي، اعليٰ صلاحيتن جا صاحب هر تڪي ٽين پئسي جي واقعي کي ڏار ڏار ۽ سطحي انداز ۾ نوٽ ڪرڻ بدران، مختلف واقعن جو تت ڪڍي هڪ وسيع ۽ معنيٰ خيز راءِ جوڙي وٺندا آهن، بلڪل جوڌ جي جي هن ڳالهه وانگر:

”زندگي پنهنجي مختلف رخن ۾ ڪيڏي به غير عقلي انتشار جو شڪار ڇو نه هجي، پر اعليٰ تحريرن جو ضابطي ۾ مقبوليت سان ڀرپور هجڻ لازمي آهي، ڇاڪاڻ جو شاعري ۾ ادب جو مقصد ئي زندگيءَ جي ترجماني ڪندي ڪيس معنيٰ سان ڀرپور ۾ تسلسل ڀريو بڻائڻ آهي. اهو مقصد زندگيءَ ۾ ڀريل ٽڪراءُ ۾ انتشار جي ڏار ڏار عڪاسي ڪرڻ منجهان پلئه نٿو پوي. جيڪڏهن ڪو قلم جو ڌڻي زندگيءَ منجهان ڪنهن عام ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڀرپوريت سان معنيٰ اخذ نٿو ڪري سگهي ته پوءِ عام ماڻهوءَ ڪي سندس تخليق پڙهڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟

اهو سچ آهي ته ڪا به تحرير يا تخليق جڏهن انفرادي يا اجتماعي حوالي سان پنهنجو ڪارج وڃائي ٿي ويهي ته گڏوگڏ اها فن ۾ فڪر جا اعليٰ معيار به وڃائي ٿي ڇڏي. ظاهر آهي ته اهڙي ڪارج ۾ معيارن ڪان وانجهيل فن عوام الناس جي زندگيءَ ڪي تبديل ڪرڻ ۾ به سڦلتا ڇو ماڻيندو. شايد تبسم اها ڳالهه ڄاڻي ٿو تنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ صرف، قسمين قسمين موضوع ڪردار، تجربا ۾ تاثر ئي ڪنا ٿيل ناهن، پر انهن سيني شين جي پيشڪش ۾ پڻ شاعراڻي ذات جا اڪث جلوا موجود آهن، مان سمجهان ٿو ته سندس اها ئي خصوصيت آهي، جنهن ڪيس سنڌ ۾ نه رڳو ڀرپور عوامي سڃاڻ بخشي آهي، پر ادبي حلقن ۾ به سندس فن لاءِ احترام جوڳي فضا پيدا ڪري ورتي آهي. تبسم فرد جو اپياس فقط فرد جي حوالي سان ئي نٿو ڪري، نه ئي هر واقعي ڪي جدا جدا ڳڻيندي نظر اچي ٿو بلڪ هو انفرادي ڪردار ۾ مزاج جا مڙئي تهه پروڙيندي به ان ڪي اجتماعي مسئلن جي پسمنظر ۾ پرکي ٿو...

ڪا جوت ٽمڪي ۾ نه ئي فانوس ٿو ٻري،
هي شهر ڇا؟ سڄوئي ڇڻ ته تر اداس هو.

تبسم لاءِ اهڙي حقيقت بياني انهيءَ ڪري ممڪن ٿي سگهي آهي جو هو هر شعر ۾ پنهنجي آمد جو اوچتو ۾ اٽوٽندڙ اعلان ڪرڻ بجاءِ ڪنهن خاموش ڏسندڙجيان هر منظر ڪي ڇتو ٿيڻ ۾ هر ڪردار ڪي ظاهر ٿيڻ لاءِ وقت فراهم ڪرڻ جو ڪشث ڪري ڇاڻي ٿو. جيتوڻيڪ ڪيترن شعرن جي اندر هو گمنام طريقي سان پنهنجي موجودگي به محسوس ڪرائي ٿو. پر اها موجودگي عبدالغفار تبسم نالي هڪ شاعر ڏانهن نه پر هڪ اهڙي فرد ڏانهن اشارو ڪري ٿي. جيڪو فرد تون، مان، هوءَ يا هن سميت ڪوبه ٿي سگهي ٿو. اهڙي روايتي موجودگي ڪيس واقعي معاملي جي توڙ ۾ احساس جي شدت تائين پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي. ظاهر آهي ته ايڏي ظالماڻي Objectivity جا ڪيس به ڏنڊ ڀرڻا پوندا. اسان جهڙي وتڙيل سماج ۾ جتي هر ماڻهو ٻئي خلاف الزامن، تهمتن ۾ خوارين جا ڪارا ڪنيون پيو هلي، اتي تبسم جهڙو بي ريا شاعر ڪٿي ٿو غلط فهمين جي گند ڪان بچي سگهي؟ نه رڳو سندس ذات بلڪ

Gul Hayat Institute

تخليق مٿان بہ لاتعداد هٿ ڪڇندا ۽ آڱريون اپيون ٿينديون هونديون. هو انهن سڀني مامرن کي محسوس ڪندي پاڻ ئي اقرار ٿو ڪري:

ڪنهن ڇيو روڪ، ڪنهن ”تبسم“ تہ ڪنهن رسوا ڇيو،
حسن جي حسناڪين، اعزاز ها ڇا ڇا ڏنا!
يا
سوچ ئي سوچ ۾ هو سراپيل رهيو،
هڪڙو ڏاهو اياڻن ۾ گم ٿي ويو.

تبسم جي هڪ فرد کان اجتماع ڏانهن اها مسافري، انهيءَ مسافريءَ دوران پاڻ ارپڻ جي جذبي سندس شخصيت، فن ۽ ان جي ڪارج جي حوالي سان هڪ دل ڇهندڙ توازن کي جنم ڏنو آهي. اهو توازن گيتن، غزلن، نغمن، ۽ نظمن ذريعي اسان تائين پهچندي آدرشن، جستجو معيار ۽ ڪسوٽيءَ جو درجو حاصل ڪري چڪو آهي. اهڙي پد تي پهچندي ڪنهن بہ تخليقڪار کي نہ رڳو سرهو ٿيڻ جو حق پهچي ٿو. پر ڪيس حد کان وڌيڪ محتاط بہ رهڻو پوي ٿو. ڇاڪاڻ جو عوام، سيڪڙاپ شاعر ۽ ٻيون لاڳاپيل ڌريون زير، زبر، پيش، ماترا، هر اکر، لفظ ۽ پد تي نظر رکڻ شروع ڪن ٿا.
هڪ شاعر جڏهن وسيع تر ميتا ماڻي وٺي ٿو، تڏهن هو اظهار سان گڏ معيار جون بلنديون ڇهڻ لڳي ٿو. ماڻهو سندس ٻوليءَ، ڏانءَ ۽ انداز جو نقل ڪرڻ شروع ڪن ٿا. يعني، ”سندس جهڙو“ بڻجڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهيءَ مقام تي ٻوليءَ، بحر،وزن، محاورن جي استعمال ۽ شاعراڻي تفڪر ۾ موجود انتهائي معمولي ڪاڻ بہ اجتماعي سطح تي فن ۽ فڪر جي دنيا ۾ بگاڙ جو سبب بڻجي پوي ٿي. اهو بگاڙ جڏهن محسوس ڪرڻ جي حد تائين پهچي ٿو تہ ڪوتاڪار جي عمر ڀر جو پورهيو هڪ طرف ۽ عام رواجي لغزش ٻئي طرف، ڏسندي ئي ڏسندي وڏا فنڪار شديد تنقيد هيٺ اچي وڃن ٿا. انهيءَ حوالي سان شيخ اياز جو مثال اسان جي سامهون آهي. سنڌيءَ ۾ جديد دور جي سڀ کان وڏي شاعر ”گهڻولکڻ“ جي رجحان جو هر وير و شڪار ٿيندي پنهنجي مقام جي باري ۾ غير ضروري طور ڪيترن سوالن کي جنم ڏيئي ڇڏيو. مان تبسم کي هڪ مداح ۽ گهڻگهري جي حيثيت ۾ اها صلاح ضرور ڏيندس تہ هو هاڻي جنهن مقام تي پهتو آهي، اتي مقدار نہ پر معيار جي اوليت ئي سندس شاعراڻي ذات کي امرتا بخشي سگهي ٿي. پڙهڻ يا ٻڌڻ سان اهڙي ڄاڻ هن مجموعي ۾ آيل سندس شاعريءَ منجهان بہ هينئن ملي سگهي ٿي:

دل جي اونداهين جون هوءَ روشنيون تي ڳولهي،
اي رات، ڏيري ٻرُ، تون ڇو ٿي ٻرين تڪي؟

اها عرضداشت ڪندي مان نهايت ايمانداريءَ سان چوان ٿو تہ تبسم جي هن شاعراڻي گلدستي ۾ ٻوليءَ، تخليل، فڪر ۽ احساس جي حوالي سان ڪيترائي بين الاقوامي معيار جا شعر موجود آهن، جيڪي پڙهي حسد جي حد تائين افسوس ٿئي ٿو تہ ڪاش اهي ڪوتائون سندس بجاءِ منهنجي قلم جي نوڪ تي اچڻ ممڪن ٿين ها! توهان پاڻ بہ هي ڪوتائون پڙهو ۽ پوءِ منهنجي راءِ جي غلط يا درست هجڻ بابت راءِ قائم ڪريو.

صدين کان هڪ سوال ٿو ڇهندي شعور کي،
هن آتما جا جوڙ سان سنبنڌ ڪيترا؟!

❊

طوطو اڏيو تہ پن ڇڪيءَ ڇيو توت لام کي،
توکي ڦٽڻ کان اڳ ۾ ها آنند ڪيترا؟!

❊

آءُ تہ ڀڃون تعلق توڙيون، پيار جا آڳا پيڇا جوڙيون،
تون مان وندڙ ۾ ڪاٿو کان اڳ، پاڇين تي ڇاڇا سوچيون.

❊

ڊوڙان سهڪان، ڇان نہ پورو پوان،
اي عمر، تنهنجو اختصار الڳ.

❊

دشت اڪري پڳس تہ عشق چيو:
هڪ اجان ٻيو بہ ڪوهسار الڳ.

❊

من ۾ پرين ٿو ڪوٺ ۽ وسڪين ٿو موهہ تي،
اي منش، تنهنجي ورش تي ايشور اداس هو.
ڦٽ پاٽ، گرجا، مندر مسجد جي ٻاهران،
تذليل جي فراس تي بي گهر اداس هو.

Gul Hayat Institute

❊

هو پاڻ ڪنهن صليب تي مرڪي چڙهي ويو،
ها پر يسوع جي گهاٽ جو نيڻ اداس هو.

❊

جهرڪي ڪٽڪيءَ ڪي ٽونگي پئي، باک چٽي ٿي نغما،
او سرتي! اڄ رات رمي وئي، چنڊ ساجن جا سپنا!

❊

انتظار جي ولين تي قلڙيون سنپار جون،
سپنن جي ساوڪن ۾ سانوڻ عجب لڳو!
خالي مڪان ۾ ڪا ڪنڪر اچي ڪري،
سنسان گهر جي در جو ٺڪڻ عجب لڳو.

❊

مرڪي ته مهڪي واءُ ۾ هيرون هڳا سجن،
گهوري ته گام گام تي ڪهرام ڪيترا؟!

❊

هن ٻن ڪجين مٿان، هو جهلي چنڊ پينگهه جان،
هن ٻن اکين ۾ آس جا الهام ڪيترا؟!

**انعام شيخ**

**اي-10 سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.**

**14 اپريل 2001**

Gul Hayat Institute

# ”اي عمر!
# تنهنجو اختصار الڳ“

سنڌي شاعريءَ وارو صدين جو سفر هينئر ايڪويهين صدي ۾ داخل ٿيو آهي، جتي e_mail, website يا انٽرنيٽ ڪيفيز جو ڇهڇٽو لڳو پيو آهي. سنڌي شاعريءَ جا قدر، موضوع بہ سنڌ جي سماجي، سياسي، اقتصادي حالتن پٽاندڙ متبا آيا آهن. پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ جو اهو حصو جيڪو اسان جي حصي ۾ يا اسان جنهن ڀاڱن پريءَ جي حصي ۾ آيل آهيون. تنهن جو بدقسمتيءَ سان خاص ڪري ورهاڱي جي بعد کان صورتحال مزاحمتي رهي آهي، رڳو پنهنجي وجود. پنهنجي سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي ورثن جي بچاءُ ۾ رڌل رهيا آهيون. هتي مان وري بہ چوندس تہ ڌارين کان وڌيڪ اسان جي وجود ڪ هاڃو اسان ڪي پنهنجن کان ئي رسيو آهي. شيخ اياز، سائين جي ايم سيد، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جا، پير صبغت الله راشدي روضي ڌڻي يا فاضل راهوءَ جا روح رنجائيندڙ بہ اسان مان ئي هيا. انهن خلاف سرڪاري مخبر گواه وڪيل بڻجي سنڌن مرتين تي منايون ورهائڻ وارا بہ اسان مان ئي ڪيترا هئا. سنڌن جيل ياترا يا موت جي اذيتن تي ملهارون ملهائيندڙ بہ اسان ئي هئاسين. نواز شريف سنڌ جي سڄي (Financial package) کي ختم ڪري پنجاب جا روڊ رستا ۽ هوائي اڏا نهرائڻ شروع ڪيا تہ ڪيس سنڌ واري حصي جون ترقياتي رقمون آڇڻ وارا سنڌ جا وڏا يا ننڍا وزير بہ سنڌي ئي هيا. انهيءَ ڪيپ ۾ عظيم آدرشي، نظرياتي سرڪردن جي اولاد سنڌن مٿن مائٽن يا باقيات جي شڪل ۾ پڻ نوازشريف سان سنڌ واري ڌاڙا گيريءَ ۾ گڏ هئي، سپرهاءِ وي، ٽول ٽيڪس سميت وفاق کي سنڌ جا وسيلا آڇڻ وارا هٿ بہ پنهنجن جا ئي هئا نہ ڪي پراون جا. اڄ پاٽيءَ واري هاڃي تي بہ اقتدار جي بکين جي رڙ پئي ٿي پئي تہ فلاڻي جو ڌوهہ ڪونهي پاٽي ڪوئي ڪونہ ٿو چورائي وغيره.

اڄ تہ عهد ڪريون تہ اسين سنڌ جي سڀني سياسي، ادبي، اقتصادي، سماجي، ثقافتي، محاذن کي پنهنجي ذات، ذات، سگهہ ۽ انائن جون هڙئي هوڏون ڦٽي ڪري سڀ هڪ ٿي وري ڀٽائيءَ جي سنڌڙيءَ جون رونقون واپس آڻڻ لاءِ هڪ آواز ٿي ”سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار“ وارو نعرو هڻون.

Gul Hayat Institute

محبتن سان ڀريل ڌرتي اڄ بہ اوڏي ئي محبت سان تمتار آهي. ڏوهہ اسان جو آهي جو اسان ان محبتن جي آڇن کي بہ ميرين ۽ شڪ وارين نظرن سان ڏسي رهيا آهيون, مان هن هيرن جواهرن واري مٽيءَ جو ننڍڙو پورهيائت ئي پنهنجي بي لوث رفيقن دوستن جون محبتون ميڙي ميڙي وري ٿو ميڙيان تہ بہ ٿڪجي ٿو پوان پر هن محبتن کي آڇڻ وارا ڪونہ ٿا ٿڪجن, ايڏيون محبتون, عقيدتون شل انهن غير مشروط محبتن جو آخري پساهہ تائين ڀرم رکي سگهان ۽ دعا ڪريو تہ پنهنجي حصي جو ڪم جيترو جيئڻ آهي ان حصي ۾ پورو ڪري وڃان ۽ اڃو تہ سيئي سنڌ جو سنهن ڪائي وچن ڪريون تہ اسين سڀ پنهنجي حصي جو ڪم. هن ڌرتيءَ کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ جو ذمو کڻي پنهنجي مثبت ۽ اڻ ٿڪ محنتن سان پورهيو ڪري سنڌ جي هن سهڻي خطي کي دنيا جي نقشي تي نمايان رکون * هن مختصر عمر جي سفر کي سڦل بڻايون, تڏهن تہ ڀٽائي, سچل, اياز استاد, نارائڻ شيام, تنوير عباسي, امداد حسيني, حسام الدين راشدي, مخدوم, سرويچ, ڊاڪٽر آڪاش, محترم آريسر, رسول بخش پليجو, قادر مگسي, منور لغاري, ڪريم بخش نظاماڻي, خالق جوڻيجي, دودي مهيري , جيجي زرينہ, روبينہ قريشي, عابده پروين, حنيف لاشاري, قمر ڀٽي, مائي ڀاڳي, ڀڳت ڪنور رام, ماستر چندر, محمد يوسف, علڻ فقير, آسي زميني, نثار کهڙي, حليم باغي, صادق فقير, احمد سولنگي, منظور, برڪت ڀٽ, وفا ناٿنشاهيءَ, بيدل, بيڪس, سميع بلوچ, ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي, ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ, عبدالڪريم سنديلي, سرفراز راڄڙ, آغا سليم, حسن علي آفندي, علامہ دائود پوٽي, رمضان نول, رزاق سهتو علامہ آءِ آءِ قاضي, ممتاز علي ڀٽي, بشير خان قريشي, ادل, اياز گل, منٺار سولنگي, تاج جوئي, اقبال ترين, اسحاق راهي, نصير مرزا, هدايت بلوچ, امير ابڙي, اياز جانيءَ, ذوالفقار سيال, ذوالفقار قريشي (گائڪ) امام راشدي, ممتاز عباسي, درمحمد پنهور, غلام النبي سڏائي ۽ ٻين سيني سخنورن, دليرن جي اکين جي نور, هن سنڌڙيءَ جي سينڌ تڏهن تہ سنورجي سگهندي, جڏهن سڀن جو هڪ اقرار هوندو تہ پنهنجي سون ورني ڌرتيءَ کي وري وري سنوارڻو سينگارڻو آهي. ها پر ان لاءِ هن مختصر زندگيءَ جي هڪ هڪ پل کي وقف ڪرڻو آهي ۽ اچو تہ وقف ڪرڻ جو ٻيڪراءِ عهد ڪريون.

14 اپريل تي لاهور ۾ پنجابي ڪانفرنس جو منعقد ٿيڻ سٺي ڳالهہ آهي. واڳها سيڪتر کي هڪ سرحد جي ليڪ سمجهي مٿائڻ جون ڳالهيون ۽ اعلان ٿيا, دنيا ٻڌا, سٺا اهڃاڻ ۽ خوش ڪن اشارا آهن. هندستان ۽ پاڪستان جا سک, مسلمان, هندو ڪل پنجابي هڪ ٿي رهيا آهن تہ ڀلا سنڌ جا ۽ الهاس نگر, احمد آباد راجستان جا هم زبان ڪڏهن گوڏين گڏ ويهي

پٺائيءَ، سچل ۽ لعل سائين يا اياز ۽ تنوير جون ساروٽيون بنا ڊپ ڊاءِ، بغير ڪنهن سرحدي ويڇن، مذهبي ذات پاڪ ڪان مٿانهون ٿي پنهنجي ماضيءَ جي ورثن، ادبي اوسر، ٻوليءَ جي بچاءُ جون ويهي اهڙيون ڪانفرنسون ڪري سگهندا؟ ڪڏهن هم زبان ڀڳت ڪنور رام ۽ پٺائيءَ جي ورسين ڪي ملهائي سگهنداسين. رياستي ادارن ڪي ان لاءِ ناحق پابنديون هٽائي ڪي محبتون ڏيڻ وٺڻ واريون آزاديون ڏيڻ ڪپن ته جيئن سنڌين ڪي ٻٽي معيار واري سلوڪ جي شڪايت نه رهي.

هتي ته ان ڪانفرنس وارن ڏينهن ۾ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي شعور جي پيچن، جهڙوڪ تاج جوئي ۽ ستار پٿيءَ کي جيل ياترا ڪرائي وئي. جيڪو رياستي داٻي جو هڪ ٽريلر هيو.

شاعر وٽ شاعريءَ جي لاءِ ڪو عجيب اڻ ڏٺي مهل اڻ ڏٺل جاءِ جڳهه اڻ سونهين موقعي مهل تي اپري ڪيس ڇيڙي ڇڏي ٿو. ان لاءِ راتين جي جاڳ، ڪو خوابناڪ منظر هئڻ ضروري ناهي. هي هڪ انيڪ جذبن جي وهڪرن جون ڇوليون، چلندڙ موج موج دريا جيڪو ڪڏهن ڪيترين چاندوڪين ۾ بنهه مانوءِ ڪڏهن اونداهين ۾ ڏڏڪندو رهي ٿو. شاعر جي لاءِ ڪنهن انگريزي ڪتاب ۾ هيئين سٽ پڙهندي بنهه سچ لڳو ته:

It has been shrewdly observed that poets are more likely to produce perfect poems than perfect live.

شاعري لاءِ ٽي ايس ايليٽ چيو آهي ته:

It is struggle to transmite his personal and private agonies into something rich and stranger, something universal and impersonal.

شاعريءَ کي ڪنهن ويڪري ڪينواس ۾ جاچبو ته اهو بقول شاهه سائين جي سور پرائي ساٿ جو وکر وهائيندڙ ٽولو آهي. جيڪو آسپاس جي ٻوساٽ واري ماحول، ڏاڍاين، جبر تشدد ڪنهن مظلوم جي ڪن کي پوندڙ آهه، جملي سماجي ناهموارين جي پيڙا، بي پناهه معاشي دٻاءِ ۽ وري پنهنجي محبوب جي وڇوڙن ۽ وصالن جا ڏک، سک، پور، سور سڀ پنهنجي من ۾ سانديون پيو هلندو وتندو آهي ۽ کي حساس دل جڏهن محسوسات جي انتها کي پهچندا آهن ته علڻ فقير يا واجد منگي ٿي تڙپي لڇي فراريت لاءِ ڪن بي خود ڪندڙ وقتي غم پلائيندڙ شين جو سهارو وٺندا آهن ۽ اهو الميو صرف اسان جي شاعر جو ناهي اهو اسان کان وڏيڪ يورپين ۽ آمريڪي شاعرن ۽ اتان جي سماجي ڇڪتاڻ جو پڙ آهي.

Alcoholism ۽ Mental break down, Depression, Institutionalization يورپين ۽ آمريڪن جي جينيس ماڻهوءَ جي مرڻ جو مکيه ڪارڻ آهي، صرف ماڻڪ ملاح يا عرفان مهديءَ جي خودڪشي هن سماج جي بي انصافين جو اولڙو ناهي، اهڙا حساس تخليڪار دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ روز جيئندا مرندا آهن، پر مان چوندس ته اهي مرندا ناهن، اهي جيئندا ئي جيئندا آهن. جي پراڻو ڏک سور پائي لڇي تڙپي مرن ٿا اهي اصل ۾ امر روح آهن. اهڙا ڪردار دنيا جي سڄي گولي ۾ صرف اوهان کي هي معاشري جا حساس ماڻهو ئي ملندا جن ۾ مصور، فنڪار، اديب، شاعر سڀ اچي وڃن ٿا. جن ڪڏهن وقت جي حاڪمن سان بغاوتون ڪيون، شيخ اياز، طارق اشرف ٿي جيلن ۾ عمريون گذاريندا ته ڪڏهن چام ساقي پليجو ٿي چرين وانگر ڪڏهن پاڻيءَ لاءِ ته ڪڏهن ڌرتيءَ جي ڪنهن مسئلي تي، (هتي پليجي ۽ چام ساقيءَ جو ذڪر ان لاءِ ڪيو اٿم جو اهي سياسي ليڊر سان گڏ تخليقڪار ۽ ليکڪ به رهيا آهن) لانگ مارچون ۽ بک هڙتالون ڪندا رهندا آهن.

دنيا جي تاريخ ۾ خود دنيا جي وڏي ۾ وڏي موجوده ڊڪٽيٽر آمريڪا جا ڪيترا وڏا شاعر، جن اهڙي ملڪ ۾ رهي ڪري به ملڪ جي حڪمرانن ۽ پاليسين سان اختلاف ڪيا ۽ جيل ۾ وقت گذاريائون جيئن ايلين جنسبرگ (Allen Ginsberg) آمريڪا جو نمايان شاعر ويٽنام جنگ دوران آمريڪي حڪومت جي خلاف جلوس ڪيندي جيل ۾ پيو، زندگيءَ ۾ به دفعا آمريڪي ايٽمي ڦهلاءَ جي پاليسيءَ خلاف احتجاج ڪندي جيل ياترا ڪئي.

اهڙي طرح Robert Lowell پڻ آمريڪي وڏو شاعر جيڪو 1928ع ڌاران آمريڪا جي ويٽنام ۾ جارحيت خلاف احتجاج ڪندي وائيٽ هائوس جي آرٽ واري ميلي ۾ نه ويو ۽ صدر جانسن کي لکيل اهو انڪاري خط تڏهن Times رسالي جي مکيه ٻاهرين صفحي تي ڇپيو هو.

ساڳيوئي قصو فرانس جي بودليئر ۽ سارتر جو به پنهنجي حڪومت جي ظلم تشدد خلاف مشهور آهي، ته منهنجي چوڻ جو مقصد آهي ته شاعر ليکڪ خليل جبران هجي، وڪٽر هارا هيمنگوي، ٽالسٽاءَ يا پئبلو نرودا يا منهنجي هن سنڌ جو ڪو پورو اديبن جو لڏو سيني جي حساسيت جو عالم ساڳيو آهي ته اهڙي سرجڻهار جو اسان جي معاشري ۾ مان مرتبو به ساڳيو هئڻ گهرجي. اهڙا سجاڻ فرد جي پرائي ساٽ جو سور پنهنجو محسوس ڪندا هجن تن جي ڳالهين کي پڙهجي ٻڌجي. اسان وٽ مشاعرن ۾ جيڪا اڻ نهندڙ Hooting ڪئي ويندي آهي. ان ۾ ڪڏهن سنجيده به ٿجي ۽ ڪنهن جي راتين جي اوجاڳن کي ائين ليک نه ڏئي

Gul Hayat Institute

چڙهجي. هاڻي اسان کي قومي طور سنجيدگي، ٻڌڻ ۾ ۽ لکڻ ۾ به ڪرڻ گهرجي. ٻڌڻ ۾ معيار آڻڻو آهي ته لکڻ ۾ به، لکڻ ۾ معيار ايندو ته ٻڌڻ ۾ ازخود پيدا ٿيندو. ان لاءِ پنهنجون سوچون پنهنجا موضوع اسان کي به مٽائڻ گهرجن. شاعريءَ جا نوان گس، پنڌ پيچرا آفاقي واٽون تلاشڻ گهرجن ته جيئن پنهنجن قومي، سماجي، ثقافتي، اجتماعي ڏکن يا سکن، پنهنجي بک، اڃ ٻڌائڻ لاءِ عالمي توجهه ڇڪائڻ جي سگهه ڌاري سگهون.

ها پر ان ۾ عمر جي مختصر هئڻ جو احساس ضرور هئڻ کپي. شاعري جذبن، مَن، امنگن جو رنگا رنگ وهڪرو آهي. لطيف احساسن جو ڌارائون، ڌڙڪنن مان پنهنجيون واٽون ڳولهي اٿلي پونديون آهن، من پاوناٺون مختلف موسمن ۾ مختلف ٻوليون ٻولينديون آهن. شاعر انهن کي سهيڙڻ جو ڪم ڪندا آهن. شاعر جي اها سهيڙ سندس ادبي بئلنس ۾ جمع ٿيندي رهندي آهي. ان حساب سان هي منهنجي شاعري جنهن ۾ غزل رنگ جي گهڻائي آهي. سهيڙي "اپ هيٺان اجارا گيت لڙن" جي عنوان سان اوهان آڏو شاهه سائين جي هنن سٽن سان پيش ڪريان ٿو ته :

"پلئه پايو ڪڇ، آڇيندي لڄ مران"

"ٻوڙان، سهڪان، لڇان نه پورو پوان،
اي عمر تنهنجو اختصار الڳ"

ع-غ تبسم
ڪراچي.

Gul Hayat Institute

## اڊائي اکر

# هر ڳليءَ توکي ڳولهڻ کو چرچو نہ هو!

ڪنهن اهڙي شاعر جي شاعريءَ تي لکڻ شايد ايڏو سولو نہ لڳندو، جيڪو نئون هجي نہ پراڻو. پراڻي جو پراڻي بابت ۽ نئين جو نئين  بابت لکڻ ان ڪري مونجهارو نہ پيدا ڪندو جو ڪٿي نہ ڪٿي  ٻنهي جو ذهني ميل ٿي ويندو. پر پراڻي جو نئين تي ۽ نئين جو پراڻي تي لکڻ البت اوکو ٿيندو جو زماني جو مفاصلو ٻنهي جي وچ ۾ سوچن ۽ جذبن جي هڪ نفسياتي وٿي پيدا ڪري چڪو هوندو آهي. سو غفار تبسم جيڪو نئون آهي نہ پراڻو، تنهن تي لکڻ لاءِ هڪ قسم جو مونجهارو آءٌ ضرور محسوس ڪريان ٿو.

”تبسم“ کي مون بي ترتيب ۽ ٿوري وقت کان پڙهيو آهي، ملاقات بہ ڪا گهڻن ڏهاڪن جي نہ چئبي، پر هي وسرن نہ مور، جهڙو ماڻهو آهي. تنهنڪري شاعريءَ کان وڌيڪ سندس شخصيت سان انس رهيو اٿم.

ڪجهہ دير لاءِ ساڻس انهيءَ انس کي هٽائي، آءٌ جڏهن سندس شاعريءَ جي ڳٽڪي کي ورق ورق ڪري پڙهان ٿو، تہ جيڪا پهرئين ڳالهہ منهنجو ڌيان ڇڪائي ٿي، سا هيءَ تہ سندس انداز پنهنجو ۽ مفرد آهي، سندس ٻولي، محاورا، تشبيهون سوچ ۽ جذبا، پنهنجا آهن. پڪي ۽ سکي ڪيس مرغوب آهن. سندس شاعري عشقي بہ آهي تہ قومي بہ، پر سندس محبوب جي مڪاني صفت سبب، هو زمين سان پيار کي بہ محبوب جي چاهت جو حصو بڻائي پيش ڪري ٿو، جيڪا ڳالهہ روماني شاعريءَ جو دلپذير نمونو بڻجي ٿي. نعريبازيءَ بدران، هو ڌرتيءَ جي پيڙا کي دلسوزيءَ سان نرم لهجي ۾ پيش ڪري ٿو:

ڪيڏي اماس رات آ، سناٽا ڪوڪرن،
ڪا رڙ ڪٿان، اي ساٿيو، ڪو سڏ ورائجو.

او سنڌ، جند منهنجي، ڪو نظري ويو توکي،
نہ شاديون چنن ۾، نہ پيرن ۾ پاٽيون.

Gul Hayat Institute

ڪونجن هيٺ نهاريو ڪٽڪيون،
سنڌ ۾ سورَ بزار لڳي آ.

تبسم وٽ هڪڙي ڳالهہ آهي، اها آهي غزل ۾ عڪس جي شاعري، جيڪا اسان وٽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي بيت ۾ تہ آهي پر هن وٽ اهو غزل ۾ هائيڪو جو هڪ غير ارادي تجربو آهي:

ڪا روجهہ پيٽ تي ٻڪي، پاڻيءَ تلاش ۾،
ڏائڻ! ڪو ڪيس ڏِير، مان تاڙي پيو پيڪو.

اپ تي اڏامندڙ پکي ڪيڏو دکي لڳو
سانجهيءَ جي ڏنڏلي ڇانو ۾ هيڪل اڏيو پئي ويو.

تبسم جي هن شاعراڻي ڳٽڪي ۾ گهڻا غزل ۽ ڪجهہ نظم آهن. هن شاعريءَ جي گهڻين ئي صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي، جيڪي سندس اڳي ڇپيل ڪتابن ۾ اچي چڪيون آهن، جيڪي چند نظم هن مجموعي ۾ آهن، سي مختلف مزاج ۽ موضوعن جا آهن. سنڌ جي صورتحال سان گڏ هن عالمي حالتن جو بہ ڪليل اکين سان مشاهدو ڪيو آهي ۽ سندس نظم ابن آدم جو سفر چند ورقن اندر تاريخ ۾ جبر ۽ تشدد جو جامع تفصيل آهي. اهو ڏاڍي واضح ۽ پر اثر انداز ۾ لکيو ويو آهي، جنهن جي پڇاڙي بيحد ڇيندڙ هڪ دائمي سوال جي صورت ۾، ۽ دانشوراڻي انداز ۾ ڪيل آهي:

Gul Hayat Institute

ايترين سفاڪين کان پوءِ بہ
ابن آدم
شرمندو ناهي ٿيو:
ڇو تہ اڄ تائين اچا قابيل تي
ڪا بہ فرد جرم عائد ناهي ٿي!

هن نظم ۾ اختصار سان، انسان جي انسان تي تشدد جي تاريخ سمائي وئي آهي، جيڪا تبسم کي انسان دوست دانشورن جي قطار ۾ بيهاري ٿي. هتي ئي سندس نواڻ ڏانهن سفر به واضح ٿئي ٿو. جنهن سان ايندڙ وقت ۾ سندس فڪري درجو مقرر ٿيندو.

مون شروع ۾ ئي ٻڌايو آهي ته تبسم پراڻ کان نواڻ ڏانهن سفر ڪيو آهي، اهو به ٻڌايو آهي ته مون سندس شاعريءَ جو ترتيب سان اڀياس نه ڪيو آهي، جو آءٌ سندس ذهني اوسر جو ڪو خاڪو پيش ڪري سگهان. ها مون کي البت ايترو معلوم آهي ته "تبسم" شروع کان ئي شاگرديءَ جي زماني کان وٺي، عملي طرح تحريڪي خيالن جي اثر هيٺ رهيو آهي، جنهن سندس ويچارن کي گهڙيو آهي، ان بعد سنڌي ادبي سنگت سندس ذهن کي تيز ڏني ۽ هو نون ويچرن تي پيرا پائڻ لڳو. هن وقت هو سنڌ جو هڪ مقبول ترين شاعر آهي. ڪيس ڪتابن ۾، رسالن ۾ پڙهيو وڃي ٿو ۽ تنهن سان گڏ سندس شاعريءَ کي ڪئسٽن ۾ هر هنڌ ٻڌو وڃي ٿو. هو موسيقيءَ جو دلدادو آهي. تنهن ڪري سندس شاعريءَ جون اڪثر ڌنون به پنهنجيون ئي ٺاهيل اٿس.

هو پي آءِ اي ۾ آفيسر هجڻ جي سخت مصروفيت هوندي به شاعريءَ ۽ موسيقيءَ لاءِ ڪنهن به ريت وقت ڪڍي ٿو پوءِ به اها سندس اخلاقي ريت آهي، جو يارن سان ياري نڀائڻ لاءِ وٽس وقت جي ناڪار ڪانهي.

آخر ۾ هي جو پورا ٿي اکر به آءٌ لکي نه سگهيو آهيان، سو انهيءَ ڪري جو آءٌ تبسم کي بي ترتيب ئي پڙهي سگهيو آهيان، جنهن جو اعتراف اٿم. ساڻس گهٽي انس هئڻ ڪري ڪيس هڪ صلاح ضرور ڏيندس ته هو ڪٿي اهڙا لفظ به استعمال ڪري ٿو جيڪي نج اڙدو جا آهن. سنڌيءَ ۾ ان جو استعمال جائز نه آهي، آخر ۾ دل چوي ٿي ته ڪيس سندس ئي شعر ٻڌايان:

هر بسنتيءَ ۾ اکڙيون لغڙ تي اڏيون،
هر ڳليءَ توکي ڳولهڻ ڪو چرچو نه هو.

**شمشير الحيدري**

**ڪراچي سنڌ**

**14 مئي، 2001ع**

Gul Hayat Institute

# غزل

دهليز تي پڄي هو، دل هول ۾ مري ويو،
هن کي پنهنجي پرينءَ وٽ پهچڻ عجب لڳو.

**تبسم**

Gul Hayat Institute

# حمد

نظر ۾ نقش رحمت جا اندر ۾ آرزو تنهنجي،
جو دم جيئان جهان پَرور سوئي پَلُ جستجو تنهنجي.

پشيمانيءَ جي لڙڪن سان اي صاحب سڏ ڪيان توکي،
سدائي جو سجهي مون کي سزا پنهنجي عفو تنهنجي.

منهنجين ميرين مداين جي سپن ڪان سڏ اڳي توکي،
تڏهن پي تو نہ چيو مونکي جو خالق خو رفو تنهنجي.

گلابي غؤنچ ۾ گوشا، غُنابي رنگ امبر جا،
رواني آبشارن جي گواهي سُوبسُو تنهنجي.

سرابن جي سفيني ۾ سڦل گذري سفر منهنجو،
سدائين ساڻ ”تبسم“ سان تون ۾ لا تقطنتو تنهنجي.

Gul Hayat Institute

محبتون ورچيندي تون لمحن جا پيمانا نہ رک،
چاهتون آڇيندي جانان بندشون بي جا نہ رک.

موسمون ڪونجون ٿي ورنديون پر سمي وارا پکي،
جي اڏامي ويا سکي، تن لاءِ دکي جذبا نہ رک.

نرم لهجن ۾ تکن لفظن جا ڪوڪا رلِ نہ دوست،
کنڊ يا ڳڙ چاشنيءَ تي زهر جا ٻُرڪا نہ رک.

ڪن مروتي، جهوٽي هوريان، ڇيو ٻروتي کي چريا،
ڇڏ تہ پؤنرو بوسي مکڙيون تون مٿس پهرا نہ رک.

ڏر ٽتيءَ جو باز پڙڪيو جهرڪي وئي وسمي سڄي،
هوءَ پناهون پئي تلاشي موت جا مارا نہ رک.

مروتون ايڏيون نہ ڪر جو زندگي ياڙيون وٺي،
دوستيءَ ۾ تون ارادا دشمنن جهڙا نہ رک.

اي ڪويا! هيءَ شاعريءَ جي ذات تقدس ٿي گهري،
جيت يا ڪا هار سوچي راند جا مُهرا نہ رک.

تنهنجي پڙلاون ۾ پنهنجي نوع جي پيڙا الڳ،
تون صدائن ۾ پَپيهر ڪونج جا لهجا نہ رک.

بادواٽن جي وٿين مان نئون صبوح جهلڪي پيو،
رات جي بي خوابين جا ياد افسانا نہ رک.

Gul Hayat Institute

آرسي سامهون رکي پاڇن جي دلجوئي ڪندي،
آڌتون ڇَپ تي هٿن ۾ سنگ ياتيشا نہ رک.

روح جي گهرائين مان دلبري گهرجي پرين،
آجيان جي اهتمامن ۾ رُڪا جملا نہ رک.

هن پهاڙين جي سفر ۾ پٿرن تان گذرندي،
روز پيو ڦٽبين او رمتا! درد جا ليڪا نہ رک.

موسمن جي بدلجڻ جو چاهتن سان ڇا سنبنڌ،
مند وارين مصلحتن ۾ قيد اک آرا نہ رک.

قيدخاني ۾ پکيءَ ليلائيندي چيو اي ڏٽي!
مرهمن وارين دبين ۾ آس جا ڦندا نہ رک.

هڪ گلن جي واٽ ڏي ۽ بيو شڪاريءَ گهاٽ ڏي،
هر طرف کوليون "تبسم"، دل جا دروازا نہ رک.

* سمي : وقت، * ڪوي: شاعر، * ياڙيون : مدار رکڻ، منحصر، * نوع : قسم، * سبنڌ: لاڳاپو، تعلق

Gul Hayat Institute

هڪ سرءُ رات ۾ سڪيءَ جو گهر اُداس هو،
پن ڇڻ ۾ گهر پرينءَ بنا ويتر اُداس هو.

ٻيئي تاڪ ٻيڪڙيا رهيا ڪڙڪڻ جي آس ۾،
خاموش رات جو سڄو تاثر اُداس هو.

ڪا جوت ٽمڪي ٿي نہ ئي فانوس ٿو ٻري،
هر شهر ڇا، سڄو ئي جڻ تر اُداس هو.

ڪا وِير، ڪپر ڪي ڇمڙ ڪان اڳ ٻڏي وئي،
هن ڪُمهلي وداع تي ساگر اُداس هو.

من ۾ پرين ٿو ڪوٺ ٿي وسڪين ٿو موهہ تي،
اي منش تنهنجي ورش تي ايشور اُداس هو.

هو پاڻ ڪنهن صليب تي مرڪي چڙهي ويو،
ها پر يسوع جي گهاٽ جو نيئر اُداس هو.

جيون جي ڪوهيڙن ۾ جو وڇڙي ويو ساٿ ڪان،
ان پيرسن جو پوئتان نينگر اُداس هو.

فٽ پاٿ، گرجا، مندر، مسجد جي ٻاهران،
تذليل جي فراسَ تي ٻي گهر اُداس هو.

او چنڊ پيلا چنڊ! لهي درد پڇي وڃ،
سورج مُکيءَ جي ڪيت جان اندر اُداس هو.

* ڪمهلو: بي مهلو اويلو * پن ڇڻ : خزان، * وسڪڻ : هرڪجڻ، * منش : انسان، * ورش : سياءُ، روش
* ايشور : خدا، ڀڳوان، * نيئر : زنجير، * فراس : ڏاس مان نهيل وڇائڻ جو ڪپڙو

Gul Hayat Institute

پرين پُڄاڻان چنڊ جو اڀرڻ عجب لڳو،
وڻجارو تڙ ڇڏيون ويو آتڻ عجب لڳو.

شهه رڳ ۾ ياد نشتر ڪپجي بيهي رهيا،
هر ساهه جهيرجهي ٿو جيئڻ عجب لڳو.

انتظار جي ولين تي ڦلڙيون سنپار جون،
سپنن جي ساوڪن ۾ سانوڻ عجب لڳو.

سوچن جي دائري ۾ يادن جا سلسلا،
ايڏا طويل ترها سميٽڻ عجب لڳو.

ڪنهن سوچيو ئي نه هوڪو ڳوٺن جا پيي مزاج،
ڪي ايئن بدلجي ويندا سوچڻ عجب لڳو.

تو آڌو جيئڻ پڳيون ته وڏيون تيز ڌڙڪنون،
طوفان سامهون ڏيئي جو ڦڙڪڻ عجب لڳو.

اڏندڙ پکين جي اک مان پنجرن جا پَوَ ڏئي،
آزادين جا سپنا، ڪُرچڻ عجب لڳو.

خالي مڪان ۾ ڪا ڪنڪر ڪري اچي،
سنسان گهر جي در جو کڙڪڻ عجب لڳو.

گُمنامين ۾ رهندي احساس ڪمترين جا،
ايڏا شديد اُپريا روڪڻ عجب لڳو.

Gul Hayat Institute

دهليز تي پڄي هو، دل هول ۾ مري ويو،
هن کي پنهنجي پرينءَ وٽ پهچڻ عجب لڳو.

آيل! سُڪاٽا سرتي کي هيڪل سفر چڙهي،
تنها وريا تہ تڙ کي، ٻُهارڻ عجب لڳو.

”تبسم“ جي تن ۾ آس جا ٻوٽا هٽي ڪري،
تاتي نِپائي تن کي، جلائڻ عجب لڳو.

* آتڻ: آستانو، سُٽ ڪتڻ جي جاءِ، * سميٽڻ : ويڙهڻ، * ڪرچڻ: رَهڙڻ، * شہ رڳ : ساهہ کڻڻ واري رڳ،
* ڪنڪر : ننڍي پٿري، * دهليز: چائنٺ، * دل هول: گهٽي غم يا خوشيءَ ۾ دل بي قابو ٿيڻ،
* سُڪاٽا: ٻيڙي هلائڻ وارا، * سرتو : دوست، ساٿي.

Gul Hayat Institute

عشق ڪُرڪيو تبسم ڪفر ٿو ڪرين،
سونهن کي سجدو ڇو سربسر ٿو ڪرين؟

هن چيو: ”هڪ عمر آجپي لئہ وتئہ“
مان چيو: ”سا بہ تون دربدر ٿو ڪرين.“

چيائين: ”ڇڪيا يا ڇيئن تي نہ ڇاڙهيو وڃين.“
چيم: ”ڪڏهن ڪل عمر ڪارگر ٿو ڪرين.“

چيائين: ”يوسف! مصر ۾ وڪامي نہ پئين.“
چيم: ”تہ ٻيو ڇا ڪپي ديده ور ٿو ڪرين.“

چيائين: ”سرمد جي سرمستين جي ڇڪي.“
چيم تہ: ”مستان کي معتبر ٿو ڪرين.“

چيائين: ”آءٌ توکي ڏرتيءَ جو دولهہ ڪيان.“
چيم: ”وطن دوستين کي امر ٿو ڪرين.“

چيائين: ”فرهاد وانگي ٽڪر ٽاڪيا،“
چيم تہ، ”جي آهہ ۾ تون اثر ٿو ڪرين“

چيائين: ”مجني جي ديوانگيءَ جا مزا.“
چيم: ”ڇڪائج ني ڇو منتظر ٿو ڪرين.“

Gul Hayat Institute

چيائين: ”تبسم“ تون مئي اڳتي پيئندو نہ ڪر.”
چيم تہ: ”ڇو مون لئہ زمزم زهر ٿو ڪرين.“

* ڳنهڻ : خريد ڪرڻ، * چيئن: ڏاگهہ ، آڙهہ، * ديده ور : ڏسڻ جي قابل،
* ٽڪر ٽاڪڻ: (محاورو) سخت ڪن ڪرڻ، جبل جهاڳڻ، * ڇُڪي: ڏُک، سُرڪي

Gul Hayat Institute

لارَ لڙڪن ڪي پيار چئبو آ،
سارَ سڏڪن ڪي پيار چئبو آ.

انتظارن ۾ عمر ڪٽجي ٿي،
اعتبارن ڪي پيار چئبو آ.

عشق اڪ ۾ نہ ڪي اندر ۾ لڪي،
اشتهارن ڪي پيار چئبو آ.

عشقَ آرن ۾ ڪو اچي تہ ڏسي،
تيز ڌارن ڪي پيار چئبو آ.

پنهنجي پاڇي سان ڇرڪي ڳالهائين،
اي سکي! ان ڪي پيار چئبو آ.

نينهنَ، مينهنَ واءُ ۾ وڏيڪ متو،
شوق ڇولين ڪي پيار چئبو آ.

اجنبين وانگي آشنا آهيون،
اِنَ پِرولين ڪي پيار چئبو آ.

لوڪ بي روڪ آ پلي ٽوڪي،
لوڪ خوارين ڪي پيار چئبو آ.

Gul Hayat Institute

عمر پر فاصلا رهيا وچ تي،
وڇَ وڇوڙين کي پيار ڇئبو آ.

سنڌ واسين جون کهڙيون تشريحون،
سنڌ واسين کي پيار ڇئبو آ.

آءٌ "تبسم" تہ اعتراف ڪيون،
مَنَ مِلاپن کي پيار ڇئبو آ.

* تشريحون : وضاحتون، * پروليون: ڳجهارتون

Gul Hayat Institute

آرائين تنهنجا جهولَ نياپا بهار جا،
ٻُرٻُر ٻُرن ٿا ٻول ترانا بهار جا.

موسم جي در درين کان مگرمان ٿا ٻُجهن،
پهتا پري کان رولَ پيادا بهار جا.

روهيڙا سجَ اُهاءَ ۾ ڪونيٽ ڪڪوريا،
گهونگهٽ ۾ مُرڪَ مول نگينا بهار جا.

آڪاش جي ڪِنار تي ڪتين جا قافلا،
تون جهُولِ چنڊَ ڍول، هي جهُولا بهار جا.

هُن سونهن جي واڪاڻ جا ماڻهن کان علاوه،
دِر دِر وجهي ويا قُولَ ضميما بهار جا.

برکا جي چوڪنن تي بوندن جون آهتون،
رنگَ بُو ۾ پلَ رَتول قريبا بهار جا.

ڏرتيءَ جي پالڪيءَ تي گَجِرن سان گل پريون،
نيڻن ۾ نينهن وڙول نِشانا بهار جا.

موسم هوا جي ڪڇ تي ڪنيون تڇ اڇي لٿي،
لَڇَ ساوڪن جا ميل جهميلا بهار جا.

Gul Hayat Institute

سهسين حسين خواب ستارن جي سيجَ تي،
وِينگس ڪا نئين نويل وِڇاڻا بهار جا.

چاهت جا ٽاڪا ”تبسم“ جوڀن جي آرَ سان،
ٽاڪِن وَنين جا ٽول بهانا بهار جا.

❊ آرائين: مالهي، ❊ مگرمان: وڏو دهل، نغارو ❊ اُهاءُ : روشني، سوجهرو ❊ ڪڪوريا: رچي ڳاڙهو ٿيڻ
❊ ڪِنار: ڪنار، ڪنارو ❊ ضميما: ڪنهن خاص موقعي لاءِ ڇاپو ❊ قرينا: طريقا، سليقا
❊ وڙولڻ: ڳولهڻ، جاچ ڪرڻ، تلاشڻ ❊ ميل: مفاصلن جي ڳڻپ، ڪوهه

Gul Hayat Institute

آئينن جون اداس تصويرون،
ڪِن ڪتابن جون خاص تصويرون.

ريگذران ۾ قافلن جا نشان،
ريتِ دفنيل هراس تصويرون.

اي زمانا نہ هونداسين ليڪن!
پاسِ هوندءِ حساس تصويرون.

وقت وادين ۾ ڏنڌ ڪوهيڙا،
منزلن جون اُماس تصويرون.

ڪو سرابن جو ڪرب ڪيئن ڄاڻي.
ڪير گهُوري اداس تصويرون؟

جي پڪاسو جي لاشعور ڇِنيون،
سي صدين جون اَساس تصويرون.

هن سمونڊ پار شيام ناواڻي،
سنڌيت جون سنياسُ تصويرون.

سنڌ، يونان، مصر، تهذيبون،
اِرتقا جون اِتهاس تصويرون.

Gul Hayat Institute

او پکيئڙا نہ لَهہُ اُڀرو ٿي،
ڪنهن نديءَ جون نِراس تصويرون.

نہ ڪو "تبسم" نہ توئي ڳالهايو،
ڄڻ تہ گونگيون ہِ پاس تصويرون.

* ڪرب: درد، * اُماس: اونداهہ، * پڪاسو: يورپ جو وڏو مُصور _ چترڪار * آساس: ورتو،
* ناواٽي: ڀڳونتي ناواٽي (هندستان جي وڏي سنڌي ڪلاڪاره)

Gul Hayat Institute

عشق جون تهمتون هزارُ الڳ،
تنهنجو اي زندگي ٻيو بارُ الڳ.

هڪ تہ مجرم هان پنهنجي خوابن جو،
۽ اوجاڳن کان شرمسارُ الڳ.

اڳتي نڪري وبس تہ ياد آيو،
پويان رهجي ويو منهنجو پارُ الڳ.

دوستينُ کي پڇائيندو پئي وتيس،
جي ٿيون گڏجن تہ خلفشار الڳ.

سنڌ جي ٻئي خطي سان ڀيٽ نہ ڪج،
سنڌ کي پنهنجو هڪ وقارُ الڳ.

ٻوڙان، سهڪان، لُڇان نہ پورو پوان،
اي عُمرِ تنهنجو اختصارُ الڳ.

دَشت اُکري پڳس تہ عشق چيو،
هڪ اڃان ٻيو بہ ڪوهسارُ الڳ.

درد جي موسمن سان ڀيٽ نہ ڪر؟
هر ڏَنڪ رنگ کي نکارُ الڳ.

Gul Hayat Institute

مُندَ بدلي تہ روئي پيا پوپٽ،
چيٽ موٽڻ جو انتظار الڳ.

توکي ”تبسم“ ڙي عِشقَ چا نہ ڏنو،
شُهرتن جو نشو نِکارُ الڳ.

❊ خلفشار: فتنو وڳوڙ ❊ اختصار: ٿورو (خلاصو)، ❊ دشت: بيابان، ويرانو
❊ ڪوهسار: جبلن جو سلسلو

Gul Hayat Institute

اُپ تي اداس يادون اڏرن رکي رکي،
خاموش وادين ۾ سُڏڪي پئي سَکي.

دل جي اونداهين جون هُوءَ روشنيون ٿي ڳولهي،
اي رات ڏيري ٻَرُ تون ڇو ٿي ٻرين تکي.

ماڪيءَ جي لار يا ڪنهن وهم جو ڳنڍيو هئي!؟
چاهت جيڪا ٻه هئي، ڪٺي هن چاهه مان چکي.

پن ڇڻ جي پيلي چنڊ سان راتين جو ويهي اڪثر،
دل جون سَلي اُداسيون سامهون ڪڏهن لِکي.

هيڏي اويل ڪنهن ڪان هو نويل سين سڪندي،
جوڳين جي وستين تي اونداهي پئي بکي.

هن سنگ جي صدا جا مندر جي مورتين ڪان،
ڇا ٿو اٿر پڇين تون مونڪان تون پڇ مُکي.

ڪو رمتو آ جو "تبسم" سرتيءَ کي ٿو سنپاري،
تون پنهنجو ڪُوڪ ڪويل ڇو آن ڪِڪي وِڪي.

Gul Hayat Institute

* پن ڇڻ: خزان جي موسم، * نويل: نئين، پهريون دفعو * سنک: وڏن ڪڏن جو ٺهيل ساز، اڪثر مزارن تي فقير وڄائن ٿا. * مُکي: سردار، هندن جي ٽولي جو وڏو * رمتو: دڳ ويندڙ * ڪِکي وِکي ٿيڻ: شڪي ٿيڻ، پشيمان ٿيڻ.

زندگي تارا ڪتيون ٽي نہ سگهي،
عاشقي چوٽ تي چڙهي نہ سگهي.

پنهنجا ڪُل پَل رنڱيائين پر منهنجي،
بي رنگي زندگي رنڱي نہ سگهي.

خود فريبين عمر خراب ڪئي،
خلق پيي مروتن ۾ چئي نہ سگهي.

سوچ ۾ سَرسُ، ساپيان ۾ مگر،
محبتن جي عُمر وڌي نہ سگهي.

پاڻ ڪان پاڻ وڪري پيس ورنہ،
دنيا مون کي تہ وڪيري نہ سگهي.

ساڌ ٻيلي مان ڳولهي موٽي وئي،
هوءَ اروڙ تائين چو اچي نہ سگهي.

روهڙيءَ وٽ ڪپَر تي ڪنڌ رکي،
سنڌ ٻيڪس کي دَردُ چئي نہ سگهي.

ڪيترو تيز عمر ڪنجي وئي،
سَر گزشت پيي مان سميٽي نہ سگهي.

دک جي غارن ۾ ٽڪندو ٿو وتي،
ڪاٽي "تبسم" جي دل لڳي نہ سگهي.

***

Gul Hayat Institute

تنهنجا احساس روشنيون آهن،
دل جي درد جون آڻتون آهن.

سوزَ سِڪ، آڳ، جاڳَ، تنهائي!
تنهنجيون اڻ ڪُٿ عنايتون آهن!

سوچَ سُرهاڻ، لوچَ هُٻڪارون،
غونچ سوداءَ، ڦٽَ ڦُليون آهن.

عشق اک ۾ مچِي ڀيڙ تي بکي،
عشق دل ۾ رچي ٻَتيون آهن.

جاڏي ”تبسم“ تَڪي ڏسي توکي،
يادون آئينا تي پيون آهن.

***

Gul Hayat Institute

ها مان تنهنجي بنا ڪجهہ بہ تہ ناهيان،
تون جي گڏ گڏ هجين، پوءِ مان آهيان.

ڇيريون پائي ڇُلان، مُشڪ مهڪيون گهُمان،
ڦيريون پائي ڦِران، تنهنجي آجيان ڪيان.

پِنبڻين ۾ سيئي عڪس پوئي رکان،
روح جي رَحَل تي سونهن سينگاريان.

آءٌ چانڊوڪيون پِي ستائين پيون،
آءٌ مون ڏي وري تہ مان خوش ٿي کِلان.

مند مَرڪي پوي، جيءُ جَرڪِي پوي،
تون جي هيڪر اچين تہ مان جهومان نَچان.

توسان جڏهن مِلان توکي ڏاڍو وڻان،
پاڻ کي تنهنجي لئہ ڄاڻيون پيو ٿاهيان.

پنهنجي ”تبسم“ جي مان ڪائي مينا هجان،
مَنَ مِنوءَ ساڻ مُرڪي مِنيون ڏئي مِلان.

نوٽ: ڪجهہ نون مصرعن ڪري هن غزل کي ٻيهر هن مجموعي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.



Gul Hayat Institute

ميڪدن ۾ شراب آواره،
روشن ۾ شباب آواره.

جو وڻئي ڳاءِ گهاءِ اي راڳي،
اڄ سڄو ڪر حجاب آواره.

هم نشينو نه ٿيو اداس اِجهو
رات ڪٽندي رباب آواره.

زندگيءَ جي سڄي ڪتاب منجهان،
عاشقيءَ وارو باب آواره.

ڪير ٿي ويءَ تي وقت خرچ ڪري،
حاڪِمن جو خطاب آواره.

امتحان سَوَ دفعا ڏِجي ليڪن،
مُمتحن جو نصاب آواره.

لفظ، فنُ، سوچَ، فِڪر ڪجهه نه بچيو،
هڪ رهيو انتساب آواره.

روز توبهه جا پَهَ پچايان پر،
روز روڪي ثواب آواره.

Gul Hayat Institute

نيڻ روئي رڻانيا ليڪن،
اَشڪَ اڄ پڻ اڃان بہ آواره.

دلدلن مان بچيا تہ ڇيخي پيا،
سامهون ڀيو سراب آواره.

هٿ لڪيرن جي ليکي چوکي ۾،
جنترين جو جوابُ آواره.

ماڻهن چيو اڄي پڳو ”تبسمُ“!
هوءَ پڻڪي جناب آواره.

※ **رڻانيا**: سُڪي ٺوٺ ٿي ويا، ※ **دلدل**: آلي زمين جو اهو حصو جنهن مان نڪرڻ جي ڪوشش ۾ ماڻهو تيئن ڦاسندو ويندو آهي.

Gul Hayat Institute

سمونڊ ۾ مان ٻئي سانجهه جو ويهي سپنن تي ڇا ڇا سوچيون ٿا،
چنڊ ۾ مان ٻئي رات سموري پاڇن تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

سڀ ڪا ڇولي جهولي پٽاريون چنڊ ڪان چاهه جو دان گهري ٿي،
چنڊ ڪي پنهنجيون محبوبائون پاڳن تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

روز پکين جا ولر اُڏن ٿا، اُڏندي ڪاڏي گم ٿي وڃن ٿا،
صدين ڪان پيرا جاچيندي سئونسن تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

آءُ تہ پهريون تعلق توريون، پيار جا آڳا پيڇا جوڙيون،
تون مان ونڊ ۾ ڪاٿوءَ ڪان اڳ، پاڇين تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

باک ڇپن تي ماڪَ ترانا هير صبوح جا سينڌِي گانا،
ڪِرڻن هٿ ۾ مشعل جهولي جهرڻن تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

روز سهيلي، ڇئي ڙي ڳهيلي، وڻجارن ڪي ٻيلي ناهي،
پرديسين جا پيڇا ٽاٽي، ويڇن تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

الفت جا اسلوب اُٿي ويا، سوچن جا بنياد ڦري ويا،
موجوده يارين باشين جي رَوين تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

اوچا جبلن چوٽين جيڏا سڀ ڪو تاتي پيارَ ٿو ڪيڏا،
پر جي پاڙون اکڙن ٿا پو زخمن تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

Gul Hayat Institute

صدين کان هو سمونڊ ڇُلي ٿو، چانڊوڪين تي تيئن اُٿلي ٿو،
سڪ جو مُور ڪو سور نہ باسن، ڇولين تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

وقت سان ٻٽ هيءَ عمر ڊڪي ٿي، پاچاريءَ ۾ جوڙي ڍڪي ٿي،
گوءِ ۾ جڏهن عُمر ٿي ڍلجي، ڀِيٽن تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

چانڊوڪين ڏانهن اُڏندي اُڏندي، جن جا ”تبسم“ جُڳَ گذري ويا،
تن مستن ڪا مات نہ کاڌي جذبن تي ڇا ڇا سوچيون ٿا.

* پاچاري: ڏاند گاڏيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ جنهن ۾ ڏاند جوٽيا ويندا آهن.
* ڀِيٽا: ليڪا، اڪثر اتر سنڌ ۾ ڪم ايندڙ لفظ جيڪو اڪثر راندين يا ڏاندن جي گوءِ واري مخصوص رستي کي ڇارا يا ڀِيٽا ڪري سڏيو ويندو آهي.

Gul Hayat Institute

زندگيءَ جون جي خواهشون آهن،
پٿرن تي هلي ٿڪيون آهن.

ڄامشوري جون سڏڪندڙ راتيون،
بيد مشڪن سان روئنديون آهن.

زرد چنڊ جا اُداس پاڇولا،
خالي رستن تي خاموشيون آهن.

اوچي لامن کي واءَ ڏونڌاڙيو،
آشيانن ۾ ڪنبڻيون آهن.

هن فيڪلٽيءَ جي ڏنڌ پاڇن ۾،
گونگيون تصويرون پڙڪنديون آهن.

روئندي احساس ڇيو دلاسن کي،
دل جون چوٽون سهڻ ڏکيون آهن.

ڪوئي ڪٽڇي ڪيرايون ويو ڪنڪر،
آس پڙڪي ته آهٽون آهن.

رات پاڇن سان پُٽڪي ڳالهايان،
دل لڳيءَ جون ديوانگيون آهن.

حسرتون، آٿتن جي ٿڦڪين سان،
هاڻي اڪثر خفا ٿينديون آهن.

اوڙي "تبسم" سنڀال تون ورنه،
ايڏيون يادون چريو ڪنديون آهن.

***



Gul Hayat Institute

جيئن ئي سامت ۾ آيو تہ سوچڻ لڳو،
سونهن هئي روبرو يا ڪو هو زلزلو؟

دير سان هن سنڀاليو تہ هِن واٽ تي،
قافلي سان هيو هُو اڪيلو نہ هو.

هُن جو وڇڙي وڃڻ تلخ هو توهہ ڪان،
هُن جو ميلاپ ماکيءَ مصريءَ ٽڙو.

انتظارن ۾ پٿر تي ويا نيڻ پر،
اعتبارن جو قائم رهيو ڀروسو.

اوڙي بادل! ڪڏهن گرجي برسي بہ وڃ،
روز ڀرجي اچين روز ڏِين آسرو.

عشق اُبريو تہ سگريون ٽي سينو ڀريو،
شوق ڇلڪيو تہ دل جو وڏيو دِڪدِڪو.

ڪاسبي تي وسين ۽ سِڪائين ننگرُ،
ڪجليا بادل تنهنجو مَنُ ڀي ڪوٺو لڳو.

روز ”تبسم“ هوائن جا رستا جهلي،
روز ڪنهن کي صدا ۾ سڏيندو رهيو.

* سامت: هوش، * ٽڙو: ٽڪرو، * ڪاسبو: ڪارونجهر جي دامن ۾ ننگر ڪان ٿورو اڳيرو ٿر جو حصو
* ننگرُ: ٿر جو حصو، ڪارونجهر جي دامن ۾ خوبصورت وادي.

Gul Hayat Institute

تنهنجي يادن کي ٽارڻ کو چرچو نہ هو،
تو ڇيو پر وسارڻ کو چرچو نہ هو.

هر بسنتيءَ ۾ اکڙيون لغڙُ ٿي اڏيون،
هر ڳليءَ توکي ڳولهڻ کو چرچو نہ هو.

هن دُکن واري ميلي ۾ منهنجا پرين،
هي وڇوڙا سنڀالڻ کو چرچو نہ هو.

پَل قطارن ٿي پنڇين جان اڏرن جڏهن،
تڏهن ڳوڙهن کي روڪڻ کو چرچو نہ هو.

پوپٽن کي "تبسم" بهارن چيو:
"سالُ وچڙي گذارڻ کو چرچو نہ هو."

* بسنت : بهارن جي موسم

Gul Hayat Institute

او سرحدن جا چنڊ! اڳيان انڌ ڪيترا!؟
ويڇن جا سمونڊ، پار اجان پنڌ ڪيترا!؟

بارود جي ڀراءَ ۾ وڙاءَ شعاع جا،
ويڙهاند پر نہ ڄاڻان گهُري ڪنڌ ڪيترا.

ڏکُ ٽامڻيو تہ گورَ مڇي پيا هيانءَ ۾،
سِڪ سنجري تہ سُور سَجيا سَنڌَ ڪيترا.

هُن شاهہ جي تنبور تي ميران نچي ٿَڪي،
اي شيام! ڙي خيام! اجان بند ڪيترا!؟

وِکَ ويسلا وڏائي لتاڙج مسافتون،
ڏوڙيندي ڏولِ منزلن تي ڏُنڌ ڪيترا.

صدين کان هڪ سوال ٿو ڇهنڊي شعور کي،
هن آتما جا جوڙ سان سُنبنڌ ڪيترا؟

ڪنهن ڇَپَ ڪِنار کي ڪورات چنڊ ڇَڪي ويو،
ڪا نارِ آسُرَ ڏارِ ڳنڍي ڳنڌ ڪيترا!؟

طوطو اُڏيو تہ پن ڇڪيءَ ڇيو توت لامَ کي،
توکي ڦٽڻ کان اڳ ۾ ها آنند ڪيترا!؟

”تبسم“ هي جند هونئن تہ ڪٽي سنڌ نہ ساري پر،
سوٽيا سُتيءَ ۾ ماءُ سان سوڳنڌ ڪيترا.

* ميران ٻائي: هنديءَ جي وڏي ڪلاڪاره، شاعره، * شيام: هندستان ۾ سنڌيءَ جو وڏو شاعر، خيام: ايران جو وينئل فارسيءَ ۾ رباعين جو وڏو شاعر، * ويسلا: اڻچاڻ، غافل، * بند: مصرع، * ڏول: مِٽي، * ڳنڌڻ: ويڙهڻ، ڳتڻ، * ڳنڌ: چوٽيون ڪرڻ، وڪوڙڻ، * آتما: بد روح، * سوٽيا: اقرار ڪيا، وچن ڪيا، * سوڳنڌ: قسم، واعدو.

Gul Hayat Institute

هڪ هاڪ تنهنجي حُسن جي ھيو معجزا نهار جا،
سِڪُ سونهن جي ورونهن تي جُڙاءَ نينهن نِڪار جا.

سنڌوءَ ڪپر تي سانوري، پَرين جي ديس جي پَري،
ڪنهن ٻيل جان ٽلي، ڪِلي تہ ڳل ھہ اڌ انار جا.

هڪ دلبريءَ ۾ دل ٺَري، ھيو چاندني مٿان ٻري،
دل ڇوهَہ مان ڇلي، ترانا ڇيڙيان نئين بهار جا.

جيئن شام جهولي پينگهہ ۾ تہ سانجهہ جهانجهريون ٻڌي،
ڇُلڪن گهڙيون شباب جون نچن نشا خُمار جا.

مُرڪين تہ مَستيون مچن رُسين تہ روحُ گهائجي،
تون سانوٽيءَ جي بوند بعضي دُودَ انتظار جا.

اڪ ريشميءَ جي گهُور ڏئي هزارَ پورَ وئي هلي،
”تبسم“ اڪيلجن تيئين جيئن ويڙهيان تاڪيا سارَ جا.

****

Gul Hayat Institute

تنهنجي يادن جا سلسلا آهن،
انڌين ۾ ڏيئا جهليا آهن.

بعضي دردن جي وِڄُ بارش ۾،
لُڙڪَ سيلاب تي پوندا آهن.

هِنَ گُلن، پوپٽن کي کهڙي خبر،
هٿ مسيحا ۽ هٿ قضا آهن.

جي زخم زندگي ڀري نہ سگهي،
سي دُعا تي ڇڏي ڏبا آهن.

تو اسان کي خبر نٿي پئي پر،
جهرڻا جبلن جا ڳوڙها آهن.

منهنجا پاڇا مون کي ڇڏي اڪثر،
تنهنجي ڳلين ۾ ڀٽڪندا آهن.

مفلسيءَ جي ڏينهن ۾ عيدُن جا،
چنڊ ڀي روز اُڀرندا آهن.

بعضي جيون جا حادثا "تبسم"
عمر جَنڊَ وانگي پيهندا آهن.

***



Gul Hayat Institute

بَندِ اکين ۾ روشني سُڏڪِي،
تيز جهوٽن ۾ هَٿَ - بتي سُڏڪِي.

ڪنهن بتيلي جو جهمڪندڙ ڏيئو،
جيئن وِسميو تہ ڪا، ڳتي سُڏڪِي.

ڪنهن شڪاريءَ ڪٿي شڪار ڪيو،
بند مُٺ ۾ ڪا پوپٽي سُڏڪِي.

نائڪا جي نحيف پيرن ۾،
رات گهنگهرن جي بي وسي سُڏڪِي.

در تان جهوٽي هوا هلي بہ وئي،
يادگيرين جي آرتي سُڏڪِي.

هوءَ جواني جا ڪنهنجي ٿي نہ سگهي!
تنهن جي اَرٿيءَ مٿان سَتِي سُڏڪِي.

ڪنهن نہ ڄاتو تہ ڪير هو "تبسم"!
هُن پڇاڙان پئي دوستي سُڏڪِي.

***

Gul Hayat Institute

چنڊ آهِليو تہ جهومي تو آرس پڳو،
ايئن لڳو پڙڪو ڪائي ڪو سارس اُڏيو.

سنگتراشن جي ڳلين مان گذريم ڏٺم،
هر تراشيل صنم تنهنجو نقشو لڳو.

چنڊ واريون اکيون، جهُڙ ڍڪيون ساڙ مان،
جو ٻهرُ ٿو ڪِڙي، توکي گهُوري ڏِکو.

تون تہ پازيب پائي هلينءِ سمونڊ تي،
تو نہ ڄاتو تہ ڇولين جو ڇا حال ٿيو.

حُسن جي پيٽ آ خودنمائي عمل،
حُسن سو جنهن کي اعزاز ازخود مليو.

مرڪي جهومين تہ جهنڪار جي پئي فضا،
سنک واديون وَڄن، وِڄُ وراڪي رڳو.

حُسنَ پريون "تبسم" چريون سونهن تي،
روشنيون تيئن ٻريون جيئن تو مُرڪي ڏٺو.

* سارس: پکي، * پازيب: پيرن ۾ پائڻ وارو زيور
* آهلجڻ: ٿڪُ پيجڻ لاءِ ٿورو ليٽڻ.
* سنک: ڦوڪ جو ساز فقير مزارن تي وڄائيندا آهن، * وڄ: کنوڻ

Gul Hayat Institute

اُڀ تي اڏامندڙ پکي ڪيڏو ڏُکي لڳو،
سانجھيءَ جي ٽانڊلي ڇانوَ ۾ هيڪل اُڏيو پئي ويو.

چنڊ کي نديءَ رات ڳِراٽي وجھي چيو:
”ڪوئي وشال جڳ ۾ منهنجو همسفر ته ٿيو.“

جيونَ جي رِڻ پٽن ۾ جياپي جون ڪوششون،
پوڙهي پکيءَ ڪٿيون ته اچي ڊُنڊ ڪرين پيو.

ٻاٻيهي گهاءُ ڪائي ڏٺو آسمان ڏي!
واريءَ سان هن پٽِن تي پيي بوندون وسائجو.

ڪيڏي اُماس رات آ سناٽا ڪوڪِرن،
ڪا رڙ ڪٿان، او ساٿيو ڪو سَڏُ ورائجو.

تنهنجي اڳيان جي لُڙڪ ڪِريا رائگان نه ويا،
تو ڳوڙها خود اُگهيا اچي، سڏڪڻ سڦل ٿيو.

ڪجھ جوش، وفائون ۽ ڪي گيت پيار جا،
جو جندُ کي مليو سو حصو سنڌ کي ڏنو.

ڇت هيٺان ليٽي ڪا گهڙي گهُوريم قنديل کي،
جهمڪي اُجهامي پَئي ته ڏيئي ٿِمڪي ڇيواِجهو.

Gul Hayat Institute

ڪا روجھ ٻيٺ تي ٻُڏڪي پاٽيءَ تلاش ۾،
ڏائڻ ڪو ڪيس ڏِيرِ مان تاڙي پيو يَڪو.

ڪيڏيون مسافتون هون منهنجون منتظر مگر،
”تبسم“ کي مُهلتون نہ تنهنجي غم ڏنيون، نہ تو.

* ڍنڍ ڪرين پوڻ : اوچنگارون ڏئي روئڻ، * ٻاٻيهو: ٽر جو پکي، جيڪو ڳيري جهڙو ٿيندو آهي،
* سڦل: ڪارائتو، لاياڻتو * قنديل: ٽنگيل فانوس جنهن اندر ميڻ بتي ٻاربي آهي،
* ڏير: گاهُہ، ڪنهن کڏ ۾ پاڻ مرادو ڦٽل گاهہ.

Gul Hayat Institute

دونهاٽيل دونهاٽيل حياتيءَ جون واٽون،
هي سنسان رستن تي وسميل ڏياٽيون.

اوڙي ميت منهنجا اوڙي ميت منهنجا،
نه وچ تون نه وچ منهنجو من اُساٽيون.

اداسين پڪاريو ڪنڌيريو خدارا!
هوليءَ رنگ هوا ۾ شعاعن جون ڇاٽيون.

نه مان تنهنجو راڻو نه منهنجي تون مومل،
نه مان ڪاڪِ ڪوري نه ڪِسنيون توڪاٽيون.

سانوڻ رنگ اکين ۾ سکين منجھ سڏڪا،
نه پلرن جو پاڻي نه مَنهَنِ ۾ ماٽيون.

او سنڌ! جندُ منهنجي ڪو نظري ويو توکي،
نه شاديون ڇَنڊَ ۾ نه پيرن ۾ پاٽيون.

ڪو ساٿي ڪو سرتو سمي ڪي بيهاري،
ڪو رمتي ڪي روڪي ڪٽي ڪُوهه- ڪاٽيون.

اڪيلين ڳلين ۾ ازل جون اداسيون،
تنهائي "تبسم" پرائي پنواٽيون.

* ڪسنيون: مقدر ۾ لکيل تڪليفون، * ڪنڌيريو: پکيڙيو، * ميت: پيارو دوست،
* پاٽ: ٽڪر جو ويڪرو ٿانءَ، جنهن ۾ ريت وجهبو آهي، يا جنهن ۾ طوهر وقت ٻار کي ويهاريو ويندو آهي.
* رمتو: دڳ ويندڙ * پنواٽيون : ڦيريون، مٿو چڪرائجڻ.

Gul Hayat Institute

مان خزائن جي فصل کي چيٽ افسانا ڏنا،
گھاءَ پوپٽ جان اڏاريم خوابُ اوجاڳا ڏنا.

عاشقيءَ جي خفت ۾ ساري عمر جو بانڪپن،
ڪجھ ڦُريو آوارگين ڪجھ دوستن دوکا ڏنا.

چاھنائن جي سفر ۾ محبتن جون خواھشون،
جيئن مان طلبيون، تيئن ھن فاصلا ٻيڻا ڏنا.

ھي دکن جون ساوڪون ازخود تہ مَنَ ناھن ڦٽيون،
دل مان، بعضي اک مان، سوڪھڙن کي آواندا ڏنا.

قافلي سان گڏ رھي ڇٽرون ڪيم پئي واٽ تي،
قافلي کان ڌار ٿي ڪيڏا مان ھرجاٽا ڏنا.

سوجھرن جي سرحدن تائين پڳي رَتَ رات جي،
گھات ۾ بيٺل اُجالن ٻات کي ڪُتڪا ڏنا.

روز اک رُسندي رھي، پُڇندي رھي لُڇَ جو سبب!
مان ڪُڇان ان کان اڳي سُڏڪن وٺي پڙڪا ڏنا.

موڪلائيندڙ صديءَ کي الوداعي گيت ۾،
وحشتن، بک، ماٺھپي دل کولي پاراتا ڏنا.

Gul Hayat Institute

ڏور، هو جو ڏور کو تانڊاٽو تو تمڪيو وتي،
تاري واريءَ اَهَل تنهن ڪي ڪيترا صدما ڏنا.

منزلن جي چاهہ ۾ رستا ڪڏهن ماپيا نہ ها،
شوق پيو تڪجي تہ پوءِ ڏيکاوَ تن ڪيڏا ڏنا.

ڪجهہ ڦِڪا گل، يادگيريون سال جي تڇ تي رکي،
هر جنم ڏڻ تي اچي هن ساڳيا ئي تحفا ڏنا.

تو تائين پهچڻ جا جانان سهنجا ها سڀ گَس مگر!
تو الائي چو پُڇڻ جا ڏَس وٺي اَهنجا ڏنا.

ڪنهن ڇيو رولاڪ ڪنهن "تبسم" تہ ڪنهن رُسوا ڇيو
حُسن جي حُسناڪين اعزاز ها ڇاڇا ڏنا.

* سوڪهڙا: خشڪ سالي، پاڻي جي اڻهوند سبب ويراني، * رٿ: سواري، * ٻاٽ: اونداهي،
* ڪُتڪا ڏيڻ: مار ڏيڻ، * تڇ : ويڪرو ٿانءُ، * ڏِڻ: وارُ، موقعو

Gul Hayat Institute

او آس پريا ڙي بادلڙا تاسارن تي تِلُ تَرسين هان،
کي کيلَ ڪرين ها کنوڻين جا آسارن تي ڪجهہ اوتين هان.

ٻاجهر جي سنگن تي ٻوليندي کي ڏينهن ٿيا ٻاٻيهن کي،
جهُڙ نيڻ جهِميا پئي جهرڪين جا ڪٽڇين جو ڪرب تہ سمجهين هان.

ڪي ڳيچ سَڪيون ڪيئن ڳائن جو پيرون نہ پٽن تي لِيار ڦُٽو،
چا پاندِ وجهن ها پاڙيارون چا ڇيچ ڪري ڇُلڪائن هان.

ڪجلن نيڻن ۾ ڪِيرَ ڪُتا، اوسيئڙا سَرَ ٿوهر ٿي ڦُٽا،
پلرن جي تون پالوٽ ڪري، ٻيلاٽيون هيل تہ ٻوڙين هان.

ڇيلهار ڪيتن ۾ ڇِيڙهہ ڦٽو ڪُونيٽُ نہ ڪوئي روهيڙو رَتو،
چا گجُرِ پيا کي گل آچي اَڪ ڦُلڙيون ئي ڦولارين ها.

تاڙن جي تنوارن ۾ ”تبسم“ اُپ هيٺان اجارا گيت لڇن،
ڪيئن توتي نہ ڏرتي دانهيندي، سوڪهڙا اڳي تون سوچين ها.

Gul Hayat Institute

* ڪِير: لوهيون شيخون، ميخون، * ڇيلهار: ٿر جو حصو * اوسيئڙو: انتظار
* سوڪهڙو: پاڻيءَ نہ ملڻ ڪري غير آباد ٿيل زمين،

درد کي آٿتون ڏيون وڃجو.
آس جا ديپ ٻاريون وڃجو.

مون وٽان جيئن اُٿو تہ ياد ڪيون،
پنهنجيون يادون ٻہ گڏ ڪنيون وڃجو.

ٿوهرن اَڪ ڦُلين ڏي چَوِرايو،
”ڪنهن دفعي تلخيون چکيون وڃجو!“

آبشارو ندين ڪان وقت ڪڍي،
ريگذارن ڪان پيي ٿيون وڃجو.

موسمو! پوپٽن تي قياس ڪري،
چيٽُ ڪي ڏينهن وٽن ڇڏيون وڃجو.

ننڊ لهرن ۾ ناوَ سپنن جي،
رات ڏيري اُڪاريون وڃجو.

مينڌرا مَنَ گهُريا وڃو تہ اَٿا،
پاڻ سُرڪائي ٻَڪُ ڇڏيون وڃجو.

تنگ ٻَلين مان پنهنجي ”تبسم“ کي،
ڪنهن سِري ڪان ٻيهي سڏيون وڃجو.

* سِري: شروع وارو حصو مُنڍ

Gul Hayat Institute

پاڻ ئي پنهنجا لڙڪ پيئان ٿو،
جهڙي تهڙي حال جيئان ٿو.

درد جا آڇين اُگرا پيالا،
مي پيالن جان مرڪي وٺان ٿو.

تون ڇو منهنجا ڳوڙها پيئندين؟
پنهنجي وِهه کي پاڻ ڳِهان ٿو.

پنهنجي واري ايندو رهجانءِ،
منهنجو وارو مان تہ هلان ٿو.

هُنَ ڏي ڪنياتا، خوابَ ڪنيون وڃ،
ڪِرچيون اڪِ جون ڪُل ميڙيان ٿو.

علميت جا اونداهہ ادارا،
دروازن تان دَز ڇنڊيان ٿو.

آڳِل پاڇل پاڻ سنڀالج،
ناوَ کي تنهنجي نانءِ ڪيان ٿو.

سوچون سِگريون لوچون تاندا،
تانگهہ تتيءَ ۾ تيئن تپان ٿو.

ڏرتي! تون جي ڏُوڏَ ڏُکين ٿي،
آئون بہ ”تبسم“ آڳ ٻران ٿو.

* ڪنياتا: نياپو ڪڻي ويندڙ * اُگرا ڪوڙا ، سخت، *ڪرچيون : سنها ذرا ذرا ٿيل
* آڳيل : ٻيڙيءَ جو اڳيون حصو * پاڇيل: ٻيڙيءَ جو پويون حصو * ناوَ: ٻيڙي

سانولَ سِڪ جا آرَ نہ پارَ،
جَل ٿَل سينو ساگر سارَ.

هيڏانهن سهڻي هوڏانهن ساهڙ،
وچ تي درياءُ تارون تار.

ڪا دل وِسڪي ڪا دل وسمي،
قسمين قسمين پُورَ پچار.

نِينهنَ جي ناوَڪَ ناٺ نمايا،
دهليا جُملي دعويدار.

نيٺ چنيسر چِتِ ڪيائين،
ڪؤنروءَ جيتيو آخرڪار.

وڇڙڻ ڪان اڳ سِڪَ ورچيون جو،
ورڻا ناهيون ٻَئي ٻيهار.

عشق ”تبسم“ آڳ ازل جي،
ٻرڪي جندڙي سپ چمار.

* وسڪي: هرڪي، * ناوڪ: تير
* ناٺ : بهادر وڏي نالي وارو * دهليا: ڏجي ويا.

Gul Hayat Institute

منهنجي ديوانگيءَ جا افسانا،
تنهنجي ڳلين تائين پڳا جانان.

حسرتن، بي رخين کي سانڍي رکيم،
دوستن جا ۽ تنهنجا نذرانا.

تو ڪِلائي، رُئاريو ڇا ٿي پيو
توکان اڳ پي ته جيئندا هئاسون نا.

تو نيپوڙيا نه پنهنجا وار ڳنڍيا،
ڇا ٿيو ڪڪرن کي، ڇو ٿيا ديوانا.

سونهن! جي توکي ڪا ورونهن ڪپي،
هي منهنجي دل هي تنهنجا نيشانا.

تون نه ”تبسم“ جي ساوڪون ڇوڙيون،
شال ماڙين اندر جا ويرانا.

Gul Hayat Institute

* ورونهن : مصروفتين وندر

هي ڏينهن منهنجي هٿ منجهان پکي ٻڌيا اڏيا وڃن،
پَل پَل جا تيز وهڪرا پُل هيٺان گذرندا وڃن.

واهوندي ويل جو ڪڏهن، تہ ٻڌ پکين جون راڳڻيون،
واهيري کي ڇڏيندي ڏور گيت ڳائيندا وڃن.

ڏرتيءَ کي پنهنجون سرتيون ۽ اُپ جون دوستيون الڳ،
سانجهيءَ جو پر ٻئي ڄڻا ڪيلاش ڏي ڪنا وڃن.

هوءَ چنڊ واري چوٽري ۾ نہ خود سُتي نہ آئون سُتس،
ٻنهن جي دل پري نہ هئي تہ ڀير ڪسڪندا وڃن.

ٽيگور چيو ڪبير کي آءُ جهٽ ڪا ويهي سوچيون،
هي وهٽ هن حيات کي ڪيڏانهن ڪاهيندا وڃن!؟

تارن، گٽين جي ٻانهن ۾ جهوليندي ڦيريون ڏنيون،
۽ ڪهڪشائون جن تي شعاعَ رقص پيا ڪندا وڃن.

هو دوَر جنجي پاند تي صدين جون تاريخون لکيل،
۽ فرد، تن جا جُلد ڪولي سُودَ پاڙيندا وڃن.

جا وِهُہ ڪري وَتم سا تُرش پاڻ تي ترياق پئي،
هي ڪلال پي ڪنبي ويا تہ ڇا پيا اوتيندا وڃن.

”تبسم“ حيات يل هوا جي دوبدو هجي مگر!
اُتساءَ جا ڏيئا تيئين پساهُہ پائيندا وڃن.

* ڪيلاش: هماليہ جبل جي چوٽي، * ٽيگور: بنگال جو وڏو شاعر جنهن کي سندس شاعريءَ جي ڪتاب گيتا انجلي تي نوبل انعام بہ مليو. * ڪبير: هندوستان جو سنت شاعر خاص ڪري هندي دوهن جو وڏو شاعر.
* سود: منافعو، * وهہ : زهر، * ڪلال: شراب ڏيندڙ.

Gul Hayat Institute

دوست آهيو وفا ڪيون وڃجو،
دل پلڙ جي دعا ڏيون وڃجو.

آسمانن کان ضبط ڪير گھُري؟
دل اوهان ئي دلاسيون وڃجو.

بي گناهيءَ جون ثابتيون نہ گھُرو،
دوستيءَ جي سزا ڏيون وڃجو.

منهنجي دل، مان ٻئي جُڙي نہ سگھون،
چوٽ ڪا اهڙي مَنَ هنيون وڃجو.

دل ۾ ”تبسم“ جي ديپ ٽمڪن ٿا،
اي هوائو سنپاليون وڃجو.

***

Gul Hayat Institute

هيءَ رات نيٺ هلي ويندي،
ڪنهن پاڇي جان گم ٿي ويندي.

جيونَ ٻيڙي لڏندي لمندي،
پار تہ نيٺ پُڄي ويندي.

ڪاري ڳڪِري ساري تنهنجي،
ڪجلي ڏار وهي ويندي.

ڪو تہ پيا ڪي ملندو چوندو:
”آسَ وندي اُڏري ويندي“.

اوڙي اُماوس رات ٻري پئُ،
اونداهي وسمي ويندي.

ڪوئل! چالئہ چَپِ هنئي ٿئي؟
دل رهندو دهڪي ويندي.

Gul Hayat Institute

❋ چپ: ماٺ ڪري ويهڻ، لڪڻ

انتظارن ۾ دل جا دريچا کليل،
آءُ وَري آءُ واٽن ۾ ديدون وِڇيل.

رات اُسري وئي، باک نڪتڙ لڳي،
تون نہ موٽئين ڪٿان، وئي وِسامي مشعل.

دل ڇيو جهومي جانيءَ جي آجيان ڪجي،
آسَ اُڏري ڇيو مان وڇايان ڪنول.

منهنجي سندرتا منهنجيون سموريون خوشيون،
تنهنجي پرڇائين، تنهنجي اچڻ واري ٿَلَ.

غير ڇا پاڻ کي پيي خبر ئي نہ پئي،
ايئن ڪو هڪ ٻئي ۾ رَلجي ويندا سون مِٺل.

يادگيريون خاموشين ۾ سڏڪڻ لڳيون،
دل جي تنهائين ۾ انوکي اٿل.

جوت جهرٽن کي ڇيو هُو تہ اُپ ڏي ڏسو!
چانڊوڪي جَلَ پري ديوَ تارا ٻٽيل.

Gul Hayat Institute

دَردَ ڪنڪر هنئي، سوچ سُڏڪي چيو،
دردا! بي درد توکي نہ آئي ڪهل.

جهُڙ ڪڪر جنهن پهر اُپ تي پينگهون ٻڌن،
دل چوي توڏي اُڏري پڄان تنهن مهل.

آس پاڇن کي سورجَ ڳراٽيون وجهي،
آٿتيندي چيو: ”نيٺ ايندا رُتل.“

ڪن جُڳن کان جڙيل تنهنجو منهنجو مِلن،
دل جا سودا ”تبسم“ ازل کان رِٿيل.

* نکڙڻ – ظاهر ٿيڻ، * پرڇائين : پاڇو، سايو * ٽل : ارادو
* ڪنڪر: ننڍڙي پٿري، * آٿتيندي – دلاسو ڏيندي

Gul Hayat Institute

سانول سَرسُ سنڀار لڳي آ،
پل پل تيزُ تنوار لڳي آ.

راتيان ڏينهان روحُ سِڪي ٿو،
ڍولِيا اهڙي ڍارَ لڳي آ.

سامهون آئي سَلَ ڪيون وئي،
ڀَلَ ۾ ناوَڪَ پار لڳي آ.

انگ انگ ۾ انگاس ڀري پيا،
تاس رَڳُن ۾ تار لڳي آ.

آشا اهڙي آسا ڇيڙي،
موسيقيءَ ماڻار لڳي آ.

ڪونجن هيٺ نهاريو ڪٽڪيون،
سنڌ ۾ سُور بازار لڳي آ.

ايئن مان هن ڪان ڪيئن وسران هان،
وينگس ڪي ويسارَ لڳي آ.

جهرڪيون جهُڙ ۾ پنکَ پسارن،
اوجهڙ لئہ اُڀار لڳي آ.

Gul Hayat Institute

ٻيجل، ٻڌجاڻ مان ٻوليان ٿو،
نس نس کي نِڇڪار لڳي آ.

آءُ تہ مي جا مَٿَ اُکلايون،
جا جهٽَ هَٽِ هيڪار لڳي آ.

اوڙي ڪويل! ٻول اسانجي،
جيون کي جهونگار لڳي آ.

هر پيانو موزارٽ گهري ٿو،
هر ڪا ڌُن هشيار لڳي آ.

مونکان جيون ڪيئن وڇڙي جو،
حال کي ماضيءَ ڄار لڳي آ.

تنهنجي ”تبسم“ کي او رانول!
رنگتِ ڪا رنگدار لڳي آ.

* سل_ سوراخ، ٽُنگڙا، * ناوڪ: تير، * آشا: هندستان جي ڳائڻي، * آسا: راڳڻيءَ جو نالو(باک ڦٽڻ جي وقت ڳائبي آهي.)، * اوجهڙ ٽيڻ: لڪڻ، پناهہ وٺڻ، * نڇڪار: نڪ مان ڇڪ جو اچڻ. * موزارٽ: موسيقيءَ جو وڏو ڄاڻو. (آسٽريا جو رهواسي) بنيادي طور وائلن وڄائيندو هو.) * پيانو: انگريزي ساز جو نالو.

جاڳ نڪري تہ ننڊَ آرَ ڪري،
خواب بيٺا رهيا قطارَ ڪري.

هُن جي جهرمر اُداس پلڪن تي،
آس جَنمنِ ڪان انتظارَ ڪري.

درد جي، جيتري وڌيس مگر،
عشق جي شل عُمر دراز ڪري.

هوءَ سهيلين کي ڪيڏو ليلائي،
ڪا پُهرُ ننڊَ جو اُڌارَ ڪري.

آرهڙ جي اُداس شامن ۾،
نيڻ ٿمندا رهيا نيسارَ ڪري.

ڪارونجهر جي حَسين دامن ۾،
ننگر تي چاندني پَسارَ ڪري.

جوڌپور جي قلعي ۾ سياحَ ٽڪيل،
خاص واقعن جي خبر چارَ ڪري.

Gul Hayat Institute

ايمپائر اسٽيٽ جي اوچائيءَ تان،
ڪوئي نيويارڪ تي نِهارَ ڪري.

آشائو! ڪجهه تہ ڏيرجون ڏاريو،
ڪي ڏِشائون چون پُڪارَ ڪري.

نيٺ ”تبسم“ تنهنجي تنهائين ۾،
ڪو تہ ايندو ڪٿان اُڏارَ ڪري.

* جوڌپور قلعو: هندستان جي علائقي راجستان ۾ واقع تاريخي قلعو.
* ايمپائر اسٽيٽ: آمريڪي رياست نيويارڪ ۾ شهر نيويارڪ ۾ واقع هڪ سو ڇهه ماڙ عمارت.
* ڏِشا: طرف، پاسو.

Gul Hayat Institute

آءُ جانيئڙا جڳ اورانگهي سُکَ واري سنسار هلون،
دردن جون ڪُل نگريون اُڪري، نڪري ڪنهن نئين دوار هلون.

تنهنجو پنهنجو ويسهه آ نہ تہ مڌ ۾ تنهنجو سنُهن سائين،
توڪان وڌ ڪو نشو تہ ڪونهي ڇو پيئڻ ٻي پار هلون!؟

ڇو اڄ گهايل گيت سُٽائين پير مان پايل لاهين پائين،
گوري گجرا پاءِ تہ جهومي ڦيريون ڏئي ڦُولار هلون.

گهاٽين ڪڪرين جي جهڙ ڦڙ ۾ جوين پنهنجو جهورِ نہ تون،
وسمي پنهنجا وار نہ ڇوڙج مرڪ تہ ڪنهن منجدهار هلون.

منگتاڙي! مايوس نہ ٿي تون "تبسم" ڏي هل تند ڪٽي،
جهوناڳڙهہ ڪو جڪرو ٻُجهجي ٻيجلَ آءُ ٻيهار هلون.

* سنهن: قسم ، * منگتو: فقير

Gul Hayat Institute

اوڙي سرتي باک ڦٽي آ لاکَ صبوح تان ڪٽندي هل.
سورج رُخ جي اجري مُک تان اونداهين کي اُگهندي هل.

ڏک واديءَ ۾ نُڪَ تي وينل جهور سنياسي ڀُٽڪي ٿو،
بنواسين جي وستيءَ مان وِکَ نينگرِ تيز پريندي هل.

ڀنڀرڪيءَ جو ڀورا ڪارا بادل ڇانيا برپٽ تي،
مرگهه نهاري ڇيو ڙي بارش وسڻي آهين وسندي هل.

صدين جا هو سونهان جوڳي هيل نہ ڇو ليئا ڪيون ويا،
ڇو لاهوتي لنگهه مٽي ويا، ٻاٻرَ ڪنهن کان ٻڌندي هل.

انڌ ڪارن جي رڻ ۾ جيڪي واٽون ڳولهي وڃڙي ويا،
اوڙي باک ڪتي! تون تن کان پيڙائون تہ پُڇندي هل.

سارا پاڇا ٻوڙي ٿڪجي نيٺ پُڳا ڪنهن پاڪر ۾،
هاڙهي بينو تاڙي "تبسم" تون تنهن سان پيچيندي هل.

Gul Hayat Institute

* نُڪ: ڪجين جي پوٽن مان نهيل تڏو، *ليئاڪڙ: جهاتيون پائڻ، * مرگهه: پکي،
* هاڙهي: ساٿي، دوست، * ٻاٻر: خبر، افواه، سونچو.

هو جو دردن جي وادين ۾ گم ٿي ويو.
دل جي گهِرين اُداسين ۾ گم ٿي ويو.

ڏرتتيءَ کان ٻُڪيو آهليو چانءَ ۾،
مورڳو ڏُنڊ پاڇن ۾ گم ٿي ويو.

همسفر کان سفر دوران وڇڙيو ته پو.
فاصلن جي سودائن ۾ گم ٿي ويو.

هُن کان جوڀن جا جولان وڇڙڻ لڳا،
هو وهيءَ جي تلاشين ۾ گم ٿي ويو.

دل جا ناتو ڳنڍي ڪنهن کي دل ڏئي ڪري،
تا عمر پوئوارين ۾ گم ٿي ويو.

آبشارن ڏارائن کي ڇيو سوچجو!
جيڪو وڇڙيو درياهن ۾ گم ٿي ويو.

سوچ ئي سوچ ۾ هو سراپيل رهيو.
ڪيڏو ڏاهو اياڻن ۾ گم ٿي ويو.

باک جو شاخ تان ڪٽجي ٻولي پيو.
هڪ "تبسم" تنهائين ۾ گم ٿي ويو.

* ڏارا: پاڻيءَ جو وهڪرو * سراپجڻ: خوف ۾ رهڻ.

Gul Hayat Institute

جهرڪي ڪڙڪيءَ ڪي ٽونگي پئي باک ڇئي ٽي نغما
او سرتي! اُٺ رات رمي وئي ڇڏ ساجن سپنا.

شام جي ڏنڏلن پاڇن هٿ ۾ يادن جون ويڻائون،
رات جي گونگن لمحن اک ۾ جهلڪي مرگهہ ترشنا.

انڌيارن ڪي اڳ ۾ پنهنجيون ڪيڏيون درد ڪهاڻيون،
سانجهہ جا پاڇا ويتر تن جا پڇرائڻ ٿا سينا.

سَرَ تي ويڻل ٽانڊاڻي جي ڪن ۾ تارو پڻڪيو
تو مون جهڙن رولاڪن ڪي کهڙي ڪاڪِ ـ ڪلپنا.

مون ڪان پوءِ هُوءَ سرتي "تبسم" شاعريءَ سان پرتي،
ڏرتيءَ سان گڏ سرتيءَ سان پيي سَنمُک ٿياسون نا.

* وينائون: هڪ قسم جو ساز * مرگهہ ترشنا: رُج ۾ پاڻي جهڙو ڏيک پر اصل ۾ پاڻي ناهي هوندو.
* ڪاڪ ـ ڪلپنا: منزل پڄڻ جي خواهش، * سنمک ٿيڻ: ڪنڌ ڪڻڻ لائق ٿيڻ، برابري ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

يادن جي گذر گاهہ لتاڙيون هليا وڃو،
سوچن جي بارگاهہ کي ساڙيون هليا وڃو.

اولانيا ستارن کي تڪي مس سمهي رهيا،
ڏيري هي خانقاه وِرانگهيون هليا وڃو.

نيڻن جا نير، تيل ٿي جرڪيا چراغ ۾،
محفل جي هر قنديل اُجهايون هليا وڃو.

هر تڙ تي ڏنڏلا عڪس هٽي تِڪَ بيهي رهيا،
ڪنهن پِڪَ تان مون کي پارِ اُڪاريون هليا وڃو.

ڪنهن بي وفا جي ذڪر تي سُڏڪي وفا چيو،
ڇُلڪي لهو نگاهہ ڇُپايون هليا وڃو.

شب ڀر اوهان جي ذڪر پٺي سلگايو درد کي،
ڪنهن پَلِ اچي تہ خود ڀي ڏُکايون هليا وڃو.

ٻاهر جي چيٽ موسم، دل ۾ گهڙي نٿي،
هڪوار ڪيس هٿ تان لاهيون هليا وڃو.

پٿر ٿي تنهنجي در اڳيان پئجي رهيو تہ چا!
”تبسم“ کي سنگِ ميل ئي سمجهيون هليا وڃو.

***

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

دک جو اثر تہ وتبو پاڇا تہ ناهيون جانان!
سورج يا چنڊ وانگي، نرڄا تہ ناهيون جانان!

ڪو ڏُک سهي رُناسين، ڪنهن سُکَ تي ٿڪي پياسين،
احساس جي اثر کان، آجا تہ ناهيون جانان!

دل چئي نہ چئي تڏهن پيي، جيون اُڪارٽو آ،
آخر تہ منش آهيون، منشا تہ ناهيون جانان!

محراب جي اڳيان يا، محبوب جي پٽيءَ تي،
دِل چيو جَبِين جهُڪائي، ڏڙڪيا تہ ناهيون جانان!

وستين جي بربريت ڏي، جهنگلن کان نياپا آيا،
وحشي اسان پيي آهيون، اهڙا تہ ناهيون جانان!

تون اشارين ٿي ڪڏهن کان، ٿو لنوايان حاضرين کان،
شاعر تہ نيڪ هُون پرَ، شُرفا تہ ناهيون جانان!

پرَنَ چِٽ جي موسمن ۾، تنها ٻِلين جا منظَر،
هر هر پُڇِنِ ٿا اکِ کان، ڏنڏلا تہ ناهيون جانان!

طبقاتي زندگيءَ کان، باغي تہ آهيون ليڪن،
ٻُکَ جون ڏڃيون اڏايون، نظريا تہ ناهيون جانان!

هر حاضريءَ سان مونکي، مشروط ڇوٽا ناهيو
گرمايون انجمن کي، وٿشيا تہ ناهيون جانان!

اونداهين ٻيٽ جي ڪنهن، سادي ماڻهوءَ وراڻيو:
”مهذب ناهيون تہ ڇا ٿيو، ننگا تہ ناهيون جانان!“

ڀيلڙِ جي ڪارڙيءَ ۾، مٽيءَ جا گهُگهڙا ڀٽڪيا،
”تهذيب جا ڪي ڀوبان، وِرثا تہ ناهيون جانان!“

جنهن زندگيءَ اُپاريو طي آ تنهين ۾ اُلهبو
پنهنجي رضا ڪي ماڻيون، ڪي خدا تہ ناهيون جانان!

جنهن سونهن دل سلهاڙي، جنهن لاءِ سِڪي گذاريو!
تنهن ڪان بہ ڪو پُڇِي ڏي، وِسريا تہ ناهيون جانان!

هُن عشق آک ڏيکاري، آڙاهہ ٿئہ ”تبسم“!
هِن شوقَ ڇُوٽ ٻوليو، سَڏڙيا تہ ناهيون جانان!

Gul Hayat Institute

❊ منش: ماڻهو ❊ منشا: مرضي

بدنام زندگيءَ مٿان الزام ڪيترا؟
ناڪام عاشقيءَ هٿان انعام ڪيترا؟

ڪڙڪائي دَر هوا ۾ ستارا هڻن اکيون،
آزاد فطرتن مُڪا پيغام ڪيترا؟

سارنگ هَر اُمنگ رچيا رنگ ڪور تي،
هُن ٽُورَ تي ٿيا گهورَ نِسنگ نامَ ڪيتراَ؟

هر جاءِ هاڪَ حُسن جي هُجوم ڳاهتيا،
هُن بام، صبوح شامَ اچن عام ڪيترا؟

مُرڪي تہ مَهِڪي واءُ ۾ هيرون هُڳاسجن،
گهُوري تہ گام گام تي گهُرام ڪيترا؟

رابيل چاندنيءَ کي ڳراٽي چيو سَڪِي!
تون ڳڻ تہ گُل قطار تي گلفار ڪيترا؟

سنڌ نانءُ جنهن کنيو تہ جهُڪيو ڪنڌُ مانَ مان،
ايمان وانگي سنڌ جا احترام ڪيترا؟

هُن بن ڪجين مٿان هُو جهُلي چنڊ پينگهہ جان،
هِنَ بِن اکين ۾ آس جا اِلهام ڪيترا؟

Gul Hayat Institute

هُن جي ڇُنيءَ جا رنگ اُڏيا ڦوهہ ڇيڙَ ۾،
هن کي پُڳا سڪِين هٿان سلام ڪيترا!؟

”تبسم“ سراب زندگي سُرخاب خواهشون،
آڪاش جي اُڏام وِڌا دامَ ڪيترا !؟

* نسنگ: بي خوف، بهادر * ٻاهٽيا: قطارون ڪري، مجموعو لڳائڻ، هڪ ٻئي مٿان ڪِرڻ،
* گام: وِک، * ڳُهرام : واويلا، روڄ راڙو * سرخاب: پکي، * آڪاش: آسمان، اُپ
* دام: ڦندو، ڄار ڪوڙڪي.

Gul Hayat Institute

# گيت

# نظم ۽ آزاد نظم

ويڇن جي سرد رات ۾، بيگاهه وقت جو
پنهنجي غزل جي نوڪ پلڪ ٺاهيندي پرين،
لفظن جي روح مان تنهنجي احساس جي لمس،
منهنجي سڄي وجود کي گرمائيندي رهي.

**تبسم**

Gul Hayat Institute

آڪاش جو سُر منڊل،
ڪڪري ڪٽي ڳائي ٿي،
سنگيت سڻائي ٿي.

آڪاش گجي ٿو پيو،
آڪاش وسي ٿو پيو،
مند مهڪي ميلاپن جي،
مَنُ زور مچي ٿو پيو،
سانجهي سُلگائي ٿي،
سنگيت سڻائي ٿي.......

چِتَ چور ۾ چاه مچي،
من مور وتي اڏندو،
ڪجلي اڪِ نوريءَ جي،
تجليو تڙ ڪينجهر جو
رُت رنگ وَسائي ٿي
سنگيت سڻائي ٿي......

ڪومل مَنُ ڳڪريءَ جو،
سڏڪار پريون روئي،
ڪاري اپ جي چُني پائي،
ڳَلَ ڳوڙهن سان ڌوئي،
ملهار مچائي ٿي،
سنگيت سڻائي ٿي.....

Gul Hayat Institute

نچڻي منهنجي موهن جي،
اهرام مصر وارا،
اسپين جون بازايون،
يونان جا اوتارا
تهذيب تنواري ٿي.
سنگيت سڻائي ٿي.......

مهڪار مَتي مستي،
ڪِيڪاري سجي وستي،
ٿَر پاس ڪليون ڪنوٽيون،
ڏُلهن آ بڻي ڌرتي،
سَرِتي سِڪَ ساهي ٿي.
سنگيت سڻائي ٿي.....

هُبڪار هوائن کي،
گجگوڙ گهٽائن کي،
ڪي نياپا ڪنيون، "تبسم"
پڙلاوَ سَڏن ڪنهن کي،
ڪنهنجو واءُ پڇائي ٿي،
سنگيت سڻائي ٿي.....

Gul Hayat Institute

* سُر منڊل: تارن جو ساز، گويا استعمال ڪندا آهن. * سلگائڻ: ڏُکائڻ

ايڏي چاهت ڏئي،
ايڏي نفرت نہ ڪر،
جهول سُڪَ سان ڀري،
محبتون ڏئي ڪري،
تون عداوت نہ ڪر.

ڪا جا ڪويل ڇمونءَ وڻ تان ڪُوڪي پئي،
اڄُ ئي گهايل صدا دل وڍي ٿي پئي.
وقت ويتر ڏُکن جي عنايت نہ ڪر
او پرين....اوپرين.

آهٽون جيڪي تو وٽ مان دفنيل ڇڏيم،
سي وفائون جي چائنٺ تي اُڪريل ڇڏيم،
تن نشانين سان جانان بغاوت نہ ڪر،
او پرين.....اوپرين.

پيارَ بيڙي بنا ونجهہ هلندي رهي،
زندگي روز رستن تي رُلندي رهي،
تہ بہ "تبسم" تون ڪنهنجي شڪايت نہ ڪر.
او پرين......اوپرين.

Gul Hayat Institute

***

سِڪ نئين سِر سَورِجَي،
ساهَہ کي سرهاڻيون پهتيون،
چاهتن کي چورجي....

منٿ، ميڙين يا منهنجي روئڻ ۾ ڪو تاثير هو
جيئن بہ پرتو بحث چاجو ڳُڻُ پرينءَ جو ڳائجي.

ڳوٺ جي ڳلين ۾ خوشبو جهومندي جهونٽڻ لڳي،
هن پڄڻ جا نياپا پهتا، گهرُ گهٽي سينگارجي.

دل جون ساريون ڌڙڪنون شرنائيون بڻجي پيون،
چاهتن جو گيت ”تبسم“ جهنگ جهر جهونگارجي.

***

Gul Hayat Institute

حوصلا هالار جن جا، ۽ ارادا آَڻ جهليا،
سنڌ جا سوره پتنگا، سِرَ ڦِريا سپ ويا هليا.

ڪي تہ ها، جي جندُ ڏئي سِنڌُ سارِيندا رهيا،
وَچنَ! پنهنجي پڳ جي وَر ڪان اڱ ۾ پاڙيندا ويا،
جُوءِ ويا ڪل ئي مَٽي جڪرا جي ها دل جا ڪَرا.

اڄ اڪيلي هيءَ ڳهيلي سَڌَ ڪيون سُڏڪي پئي،
ياڳيلي ڪل ٻانهن ٻيلي پوُنءَ جا ڳولهي پئي،
ساٿ ڪي ساري سنڌوءَ جا نيڻ ٻئي روئندا رهيا.

مصلحتن جي آڙ ڏيئي مَسندون ماٽن پيا،
جي مفادن جي منڊيءَ ۾ هر گهڙيءَ وِڪجن پيا،
تن دلالن ڪي ”تبسم“ طوق تاريخن وڌا.

***

Gul Hayat Institute

سنگَ پڪا هن آءُ سانوَلَ،
روح ۾ رنگ رچيا رانولَ.

سُور متا، سوداءَ تتا،
رڳ رڳ مان ريهاٽ اُٿيا،
سوز ڪيا سيني ۾ سَلَ.

شوقَ ڇُلي ڇاتِي ڇڇڪي،
درد دُکي سينو دهِڪي،
نينهن تو ايئن بڇيو نِرملَ.

ماٺَ ۾ درد جو حال مُڪم،
دل ليڪي تنهن ۾ تير چٽيم،
باقي پني تي رت وکريل.

هڪ ته اکيون "تبسم" جون ٽِمن،
پيو نہ مٿان ڪڪريون بس ڪن،
دل جهڙا گهايل بادل.

***

Gul Hayat Institute

مُرڪي تہ بادلن مان پيي گهنگهرو ڇڙي پيا،
ڇڻ ڪيت ۾ ڪي ڇيٽ جا ٻارا ڪڙي پيا.

ڪتِڪائي نئين ڪنوار ڪي نڪتي خيال ۾،
جهومي نويلي رات نچي ميندي ٿالهہ ۾،
شرناءِ ڇيڙيون راڳڻيون ٽيڙو ٽڙي پيا.

گهاٽن وڻن تي چاندني لامون لُڏي پئي،
ڪنهن ٻيٽ تي هنيلي هرڻي ڪُڏي پئي،
پهتي جو پَدمڻي سيئي ڪامي سڙي پيا.

من ماٿريءَ تي مورَ ۽ ڏيلون ٿِلن پيون،
اُپ منظرن تي گاج سان ڪِنوڻيون گهمن پيون،
خاموش وادين ۾ خزانا مِڙي پيا.

”تبسم“ هزار چاهتون پاتيون مان پاند ۾،
مُرڪي ڏنائين محبتون ميڙيون پلاند ۾،
ڏڙڪن ٿي پئي ڏمالَ جمالا جُڙي پيا.

Gul Hayat Institute

***

گهَورَ اَک جي ڳوڙهن تان دل چوي جند گهورجي،
جن پِرين پرچايو تن لُڙڪن کي جيڪر پوئجي.

دانهون دردن جون اُٿيون آهون مچي آزيون ٻٽيون،
ڌڙڪنون دل جون وڏيون محبوب وٽ منٿون ٻٽيون،
مَس تڏهن پَرتو پرين، ٽورو تڏهن پيي ڳائجي.

لونگ ڦوٽن جون لَڙهيون ۽ کير ماکين جا وٽا،
هنبوشيون هٽندو وتان مَنَ شوق مان ڀڪن لٽا،
جهَمَٽ تي جهُمريون هٽي نينهن جي نچي آجيان ڪجي.

ڪنڊ ڪڙڇن مان خوشيون ڪِلندي اُٿيون ڪيڪار ٿيا،
ڳوٺ جي ڪُل ني ڳلين مان هيج جا هوڪار ٿيا،
حُسن جو هبڪارون آيون گهَرَ گهِٽي سينگارجي.

ڪل منهنجي دل جون ڪهاڻيون شاعري ٻڌجي پيون،
سڀ وڇوڙن جون اداسيون عاشقي ٻڌجي پيون،
تاڻ تڙپڻ کي "تبسم" جهومندي جهونگارجي.

Gul Hayat Institute

***

هار ٻانهون جي مون کي ورائي وڄهين،
وار خوشبوءِ ڀنا جي ڪنڌيري ڏسين،
مون کي تنهنجو قسم، تنهنجي سِرَ جو قسم،
مان اڏاڻو وتان.......

هڪ ته ڇاتي، جا توريءَ نه تاتي رهي،
۽ ٻي دل جا سدا تو لئہ آتي رهي،
۽ ٽيون سِڪَ جنهن ۾ ساماڻو گهمان.

سينو ساگر ٻڌيو شوق ڇوليون ڇُلي،
دل جي ڌڙڪن توکي مَنَ سڏيون پئي سڏي،
او پرين آءُ ڪٽي مان وساڻو وڃان.

گهرَ، گهٽيون، ٽرَ ڀِٽون، بَحر بَرَ ڳوليان،
ڪاڇو، ڪينجهر، سکر، مورو، منڇر ڦران،
سنڌ سڄيءَ ۾ مان توکي سڏيون پيو سڏيان.

مينهن جيڏو مَچي تيڏو "تبسم" نَچي،
تاڻ ڇڪتاڻ ۾ روح رهندي رچي،
جهُڙڪڪر جان مان توکاڻ جهِمندو وتان،
مان اڏاڻو وتان.......

***

Gul Hayat Institute

ساري دنيا جا گُل جن کي ڪاڳر ڪيان،
تن تي ساجن مان تنهنجا سنيها لکان،
خوشبوئن جي هٽان روز نياپا مُنجان،
هر ڪبوتر ڪويلڙيءَ کي ميڙيون وڃان.

دل کي سمجهايان ڏڙڪن وڃي زور سان،
لڙڪ روڪيان ته سڏڪا ڇُلن شور سان،
سينڌ سُرما سڳيون وارَ وکري وڃن،
آئتون رهندو ڦٽ سڀ اُڪيلي ڇڏن،
سُورَ کهڙا سِبان درد ڪيڏا دميان.

ڳوڙها ايڏا ڳڙن پاندُ پسجي پوي،
هر سکي مون کي سرچائي ٽڪجي پوي،
تو بنا ڪنهن ٻئي سان وندرجي نٿي،
ڪيڏي پاڳل آ دل ڪجھ به سمجهي نٿي،
او پرين شل اچين ڳل اُگهيو پئي اُگهان.

تون جو ناهين ته چو آئيني کي ڏسان،
ڪيئن ٿي سينگارجان ڪنهن کان مُرکي پڇان،
چانڊوڪين ۾ چرين وانگي لڇندي وتان،
ڪنهن سان پرچان رُسان ڪنهن سان ماڻا ڪيان
ڪو اچي، مَنُ رچي، خوش ٿي ”تبسم“ کلان.

***

اسان خواب پنهنجا سجايا ته موسم،
ڪٽي پاڻ سان گڏ خزائن کي پهتي،
۽ نئينءَ مند جي اوسيئڙي ۾ هُئاسين،
ته آنڌي اچي در ديوارن کي پهتي.

حياتيءَ جي رستن تي يادن جا ميلا،
نه پرتا، پرين نه پهتا سويرا،
اجالن جي حسرت اونداهين کي پهتي.

قفس واري پنڇيءَ جي ڪهڙي ڪهاڻي،
نه لامون، نه جهولا، نه بارش جو پاڻي،
اڏامڻ جي خواهش انجامن کي پهتي.

اجان مس اڱڻ تي لٿا چنڊ پاڇا،
۽ يادن ڀه تي پل "تبسم" کي آڇيا،
ته اُڏري خبر جهٽ اُداسين کي پهتي.
اسان خواب.....

Gul Hayat Institute

***

دل جون ويرانيون ڏيري ڏيري اڇي،
منهنجي تنهائين کي ڏنگينديون رهيون.
چنڊ آءُ تون ڪڏهن سمونڊ جي ٻانهن ۾،
سَوَ ڳِراٽيون سدا تولئہ سِڪنديون رهيون.

درد ايڏو جيڏو سمونڊ جو پارُ آ،
دل اداسين کي در ۽ نہ ديوار آ،
سور جا هيڏا سيلاب ڪيئن روڪجن،
ڪوئي سمجهائي ايذاءَ ڪيئن پوڪجن،
اَٽتون سُڏڪندي مون ڪان پُڇنديون رهيون.

پاڇا پاڇا حياتي ورڇجي وئي،
ڪوهيڙن جي ڏنڌن منجھ گم ٿي وئي،
ڪو ستارو نہ مان ڪا ڳتي ٿي سگهيس،
ڪو بلب ۽ نہ ڪائي ٻتي ٿي سگهيس،
دل جون ڪُل حسرتون دل ۾ دُکنديون رهيون.

***

Gul Hayat Institute

اي چنڊ اُداسين ۾،
هِنَ سَرءَ جي راتين ۾،
هوءَ سيج سُتل هوندي،
مان سُڏڪان سِتارن ۾.

هُن عشق ڳنهي ورتو
مان پيار پِني ورتو
هن ڳانيون ڳچيءَ پاتيون،
منهنجو ڪنڌ هو ڪاتين ۾.

هڪ وقت ملڻ وارو،
هڪ وقت وڇوڙي جو،
هڪ ناڙُ هو سيني جو،
هڪ ڪانُ هو ڇاتين ۾.

هڪ آس ”تبسم“ جي،
ڪنهن پلڪ نہ پوري ٿي،
مَنَ ياڪي وجهي بوسي،
ڪِنِ عيد براتين ۾.

***

چاندني چاندني
تون سڄي چاندني
تنهنجو انگ انگ رَتلُ،
چڙ ڪو جهولي ڪنول،
مست نظرن مان جهَلڪي،
صبوح جي ڪني،
چاندني......

بوند برڪا جا اُجري بدن تي ڦُڙا،
بعضي چوڙيون وَڄن بعضي پيرن ڪڙا،
انگُ انگُ جلترنگُ چنگ گونجي فضا،
موسمن تي ڇُٽي رنگ تنهنجي ڇُني،
چاندني.....

گفتگو گل پتيون، مرڪ تارا ڪتيون،
هر بسنتيءَ ۾ مستيون مچن سونهن جون،
نرت نظرون اُٺن گل جون گلڪاريون،
هر ادا تان فِدا رنگ ۽ روشني،
چاندني.....

تنهنجي نيڻن مان مند ڪر موڙيندي اٿي،
ماڪَ مهڪي مچي باک رهندو رچي،
واءُ جهوٽن سان جهُمڪين جي جهالر نچي،
ساه هبڪار سان هير هر هر ڀڻي،
چاندني........
چاندني........

❊❊❊

Gul Hayat Institute

توکي چاهڻ ڪانپوءِ
دل لڳائڻ ڪانپوءِ
موسمن جا هڙئي رنگ پيارا لڳا.
هنج پڙڪي اُڏيا،
ساز جهومي چڙيا،
تنهنجي ٺهڪن جا پر چنگ پيارا لڳا.

ذات تولاءِ جنهن پنهنجي محدود ڪئي،
مُرڪ تنهنجي چپن ڪاڻ مخصوص ڪئي،
تنهن مصور جي شهڪار تخليق جا،
سونهن کي تيئن سنوارڻ واريءَ سوچ جا،
رنگ برشن سندا ڍنگ پيارا لڳا.
توکي چاهڻ ڪان پوءِ

جهومي تنهنجي جسم کي جي ڇهنديون رهيون،
توکان ٿي منهنجي ڳلين ۾ ايندبون رهيون،
تن سمورين هوائن جي هٻڪار جا،
ساه سرهاڻ جي مست مهڪار جا،
ونگ واسينگ جا ڏنگ پيارا لڳا.
توکي چاهڻ ڪان پوءِ

Gul Hayat Institute

گهاٽن ٻيلن ۾ شل گم رهن قافلا،
منزلن جا نہ سامهون سُجهن پيچرا،
تاسي هرڻي پلي پياسي هلندي رهي،
اهڙي ايذاءَ جا انگ پيارا لڳا.
توکي چاهڻ کان پوءِ.

چاهہ چانڊوڪيون زندگي سوجهرا،
سونهن جون روشنيون حُسن جا پيچرا،
هي حياتي ”تبسم“ اُجايل رهي،
اڻ سونهين درد جا دنگ پيارا لڳا.
توکي چاهڻ کان پوءِ.

***

Gul Hayat Institute

تون جو خوابن ۾ هر روز ايندو رهين،
مان هوائن کي پاڪر پريندو رهيس.
واءَ جهوٽن جاڳائي ڇيو ڙي ڇريا،
اوڙي سپنائي ”تبسم“ ازل جا سڙيا
رات ڀر ڇا ڪندو ٿو رهين ويسلا
مان ڀري ڇيم ڙي پورب جي پاڳل هوا،
يار جي آجيان آجيان آجيان...

هر بسنتيءَ ۾ مستي ڇُلي شور سان،
هي ڏکڻ واءُ جهومي گهُلي زور سان،
تنهنجا سپنا ڪنيون جهوٽا جهُلندا اچن،
دل جا احساس غنچا ٿي ڪڙندا وتن،
ڏڙڪنن ۾ رڳو آس جي نچ نچان،
آجيان آجيان يار جي آجيان....

مان گُلن کي ڏٺو جهومي جهوٽيا پئي
ديد جي شوق ۾ ڇا تہ ڇلڪيا پئي،
ٻارو ٻارو ملڻ ڪاڻ مشتاق هو،
توکي ڇهڻي چمڻ ڪاڻ محتاج هو،
تولئہ آتو سڄو رنگ برنگ آسمان.

تولئہ ”تبسم“ جو اتساهہ اُٿلي پيو،
سمونڊ ڇولين جيان سينو ڇلڪي پيو،
پاڳلن وانگي پٽين تي لڪندو وتان،
شاعري، شهرتون، شان شوڪت سڄو،
جانِ جان سڀ فدا، سڀ فدا تو مٿان،

***

Gul Hayat Institute

# اڻپورا خواب پيڇو ڪندا آهن!

پنهنجي غزل جي نوڪ پلڪ ٺاهيندي پرين
لفظن جي روح مان تنهنجي احساس جي لمس،
منهنجي سڄي وجود کي گرمائيندي رهي.

تنهنجي سجيلي سونهن جون ساريون بلوغتون،
جوڀن جا آر، ويس، وڳن جون نفاستون،
نوخيز جوانيءَ جو صفا نئون نڪورپڻ،
نازڪ، شفاف، جسم جون جُملي نزاڪتون،
شوخين جي بانڪپڻ ۾ خدوخال حسن جا،
چنچل نگاهه ۾ سڄيون مستيون شباب جون،
ڀرپور جوانيءَ جون جوان تر جڙاوتون،
تنهنجا ڊگها حسين ڳنڀا وار جهومندي،
منهنجين سٿن تي پاڻُ سجائي سمهي رهن،
گل پوش ساوڪون منهنجي ڇلڪيل شعور جون،
گهنگهور گهاٽي ڇانوَ جي گهيراءَ ۾ اچن،
”تبسم“ جي تناظر ۾ تزئين تِلڪَ جي،
محسوس ٿين ته اوچتو ڪي چنڊ نُور جا،
ڪن خوابناڪ منظرن مان شعاع ٿي ڦٽن،
منهنجي هي پوري ذات پنهنجي ڪل ثبات سان،
ممڪن ئي ناهي جو ڪوِن ڪي نانءُ ڏئي سگهي.
تنهنجي هڪ ادا کي ڀي عنوان ڏئي سگهي.
تنهنجن حسين تصورن جون جنتون ڪنيون،
هريالين جي پيچرن تي جهومندو وتان،
صندل، سهانڊڙي يا صنوبر جي ٽارَ تان،

آڌت جي ڪاڻ، اآس جي دامن ۾ سڏڪندي،
منهنجي ڏُکيل بدن تي ماڻو رکي ڇڏي.
تنهن وقت منهنجي ڪرب جي سموري ڪائنات
ويتر غمِ حيات جا احساس سميٽي،
دردن جي وادين ۾ هراسجي هلي وڃي،
راتين جي حصارن ۾ دل جون حِرارتون،
نکڙيل ڪتين جي آهٽن ۾ ڍرڪنديون وڃن،
تنهنجي ڳلين مان ايندڙ جهوٽن جا دڳ جهلي،
پنهنجي نالي جا روز نياپا پُڇي پُڇي،
اوسيئڙن ۾ اُپرندڙ باکن جا اَڳَ وٺي،
آُواز جي پيڇن ۾ پورو جنم ورانگهي،
اڄ يي تنهنجي پرڇائين جا پرتوا ڪنيون،
ويچن جي سرد رات ۾ بيگاه وقت جو،
پنهنجي غزل جي نوڪ پلڪ ٺاهيندي پرين،
لفظن جي روح مان تنهنجي احساس جي لَمسَ،
منهنجي سڄي وجود کي گرمائيندي رهي.

***

Gul Hayat Institute

## ”کاری“

میں تاریک راہوں کی
تنہا ابھاگن
سدا سبز دھرتی کی
ایسی سہاگن
جسے کالے لوگوں نے کاری کہا ہے
مگر آج میری یہ التجا ہے
کہ اے چاند آؤ
گواہی دو میری
میں کاری ہوں
یا اس جگت ریت کالی
اوکالے اُفق کے
حسین چاند میرے
آؤ اپنے کرنوں سے
اس جانچپن کی
میرے اُجلے پن کی
گواہی تو دیدو
میں وہ کاری ہوں
جس کی نس نس سے رس کے
سچائی نے سینچی ہے رسم وفا
میرا جرم یہ ہے کہ
آنکھوں کے آنگن
گلابوں کے موسم میں کھلنے لگے تھے

Gul Hayat Institute

اور اس انجمن میں
یہ دونوں دوارے
کسی اجنبی کو بلانے لگے تھے
تھیا تھیا اپنے سیاں کی گلی میں
دیوانی پھری اس کو بہلارہی تھی
اور اس پی کے آنگن
کھڑی اونچی بیری
کی چھیان تلے
جھانجھ چھنکار ہی تھی
یقین جانو میرا یہ ہی اک جرم تھا
کہ قاتل نے اپنے
گناہوں کے خنجر
میری معصومیت کے گلے میں اتارے
اسی بے گناہی کی
نوحہ گری سے
ناکردہ جرم پر
سزا مقرری سے
موہنجودڑو لرزاں لرزاں ہوا تھا
اور اپنی مٹی کی
اسی بے حسی پر
وہ نچنی بھی صدیوں سے روٹھی ہوئی ہے
اٹھو لوگو ماتم کرو اس رسم کا
مٹا دو جہاں سے
چلن دوغلے پن کا
میں مجرم ہوں

Gul Hayat Institute

تو سب شریک جرم تھے
ہاں پر مرد ناطے
وہ اس سے بری تھے
اے نوخیز سورج کی چنچل شعاؤں
سندھو جل کو چھوتی
مہکتی ہواؤں
ابھاگن کے خون کے سرخ آبگینو
آؤ میرے ماتھے کا جھومر تو چومو
او پورب اور پچھم کی اُڑتی ہواؤ
آؤ مجھ ابھاگن کو سینے لگاؤ
میری مانگ سے خوں کے چھینٹے اُٹھاکر
درندوں کی نسلوں پہ کالک سجاؤ
کہو وحشیوں کو میں کاری نہیں ہوں
کسی اور کا میں کرن بھر رہی ہوں
میں کاری نہیں ہوں
میں کاری نہیں ہوں--

Gul Hayat Institute

# وقت سُريت ۾ مان

ڪو ٺمڪي ڏيئڙو اجان،
۽ جهمڪي جيئڙو اجان،
ڪنهن بيد مشڪ ڏار تي،
ٿو ڇهڪي ڇيهڙو اجان،
ڪا ڳاج گونجي گهاٽ تي،
آ واءُ وڏڦڙو اجان.
ڪنهن سونهن جي سروپ تي،
مچي ٿو هينئڙو اجان.
آوارگين ۾ سوچيان ٿو،
ڪنهنجو هٽان ڪڙو اجان.
اجان اجان اجان تہ هيءُ،
جيءُ چڙ جوان آ!

او واءُ هُن سميت آءُ
ساءُ سِڪ سڙيو اجان،
پؤنر پؤنر ٿو پري،
اکين جو اولڙو اجان،
۽ ڳاڙهي ڳل ڳتول جو،
لُپائي موهيڙو اجان،
نڪور سنگ نينهن جو،
آ ڪيت ۾ ڪڙو اجان،
تون چرڪ پر نہ چوڪري،
وڏاءِ سِڪَ وڙو احسان.
اجان اجان اجان تہ هيءُ،
جيءُ چڙ جوان آ!

هي مست مند مورچل،
تون پَر گُجرِ گهڙو اجان،
ڪا سورِ ٻانهن سهنج ۾،
ڪا ڀاڪي لوهيڙو اجان.
چائنٺ تي چنڊ آ ڪڙو
تہ چپ چو آ چڙو اجان.
ڪي پير ڪڻ او پدمٽي،
پٽارِ تون پڙو اجان.
ڇُلي ٿي رات شبنمي،
۽ تاس پي تڙو اجان.
اجان اجان اجان تہ هيءُ،
جيءُ جڻ جوان آ!

اُداسين جي اوهہ ۾،
ڪنهن آس جي انبوهہ ۾،
اجان حيات ٿي ٻڪي،
هُن راهبر جي روهہ ۾،
هي ڏوهہ، موهہ جو نشو
گشو سجي گروهہ ۾.
سراب ئي سراب آ.
چو بي مزي رباب ۾،
آ تاس اڄ بہ اوتري،
جا پياس اڳ هئي جيتري،
آءُ اوري آءُ پوپري،
آ موج مينهڙو اجان.
اجان اجان اجان تہ هيءُ،
جيءُ جڻ جون آ!

مگر جڏهن مان جهُور ٿيان،
پنهنجي وهيءَ جو پُور ٿيان،

تڏهن منهنجي سُريت تون،
خود ئي ملڻ ڇڏي ڏجانءِ،
جو تنهن عمر ۾ شوق جو،
شعور پيو نٿو رهي،
اَلولين جو ايترو
سُرور پيو نٿو رهي،
ائين پيو ناهي جو اسان،
وڇوڙي جي هراس کان،
نہ الوداع چئي سگهون،
نہ ئي ڪي پنهنجيون هڪٻئي ۾،
اهڙيون هجتون رهيون،
جو اڻ گهُريا ۽ اڻ وڻيا،
ڪي فيصلا مڙهي سگهون.
نہ ڪو وري ائين آ جو
وڇوڙي جي خلش ڪنيون،
اسان نہ هوند جي سگهون.
ڪڏهن ۽ ڪنهن بہ زاويي کان
ياد ٿئي جو اهڙو پنهنجو
سلسلو جڙيو هجي،
نہ تون ئي مَن گهرئي جيان،
ڪي چاهتون وتيون ڪڏهن
نہ مان ضرورتن ڪانپوءِ
توکي پنهنجا اڻ ڳڻيا
ڪي بوسا ڏئي سگهيو هجان،
او گل پري!
اسان ٻئي
چتي شباب عهد ۾،
پنهنجي وجود جي مٽي،
بنا ڪنهن من ملاپ جي،
بغير امتزاج جي،



Gul Hayat Institute

اڻين لُٽايون ٽا مگر،
ڪسڪَ تہ دل ۾ ٿي رهي،
هَوسَ جي بي چَينُ
خواهشن کي بند ڏئي ڪري
سرير جي سنبنڌ کي
اٽوٽ ڳنڍِ ڏئي چڙيون،
حريص ديد جا اي ڪاش
اهڙا ديده ور هجون؟
جو نسل جون امانتون،
فخر مان ڏئي وٺي سگهون
۽ خود سپردگيءَ ڪانپوءِ،
وجود جي حصار ۾
منهنجين رفاقتن جون تون
حفاظتون ڪندي وتين،
ڇتيءَ جي رات
ماڻَ مان،
وڏي ڪنهن ميڙ جي اڳيان
اسان حلالي ٻار کي
کو ٿهڪي ناءُ ڏئي سگهون
اڃان پيي هيءُ
جيءُ چڻ جوان آ.....

Gul Hayat Institute

* وڙو: مناڻيءَ جو قسم، * مورچل: مور جي پرن مان ٺهيل پَکو وِڃڻو،
* امتزاج: ميلاپ، ٻن شين جو ملڻ، گڏجڻ، * ڳسڪَ: خواهش، آس

# سرمد هميشہ زنده رهندو!

اي منهنجا همسفر،
هم دم هم نشِين،
هن انوکي، اڻانگي،
مسافت ۾ تون،
سو تہ ممڪن نہ آهي،
جو ٻيهر ملين،
ها مگر پوءِ بہ ٻي
دل کو ويسهہ ڪيون،
توسان ٻيهر ملڻ جون اميدون رکيون،
نگريءَ نگريءَ ۾ توکي تلاشي پئي،
مان تہ ڇا
پر اهو
ڪنهن کي ڄاڻ تہ نہ هو،
تون اڄاتي نگر جو،
اڏامڪ پکي،
ايئن ڪو ويندين اڏي،
ڪنهن اهڙي يار ڏي
اڻ سونهين آر ڏي،
هن گڦائن جي گمنام،
غارن طرف
هن نهارن جي سرحد کان بہ اڳيرو
ها مگر پوءِ بہ،

Gul Hayat Institute

**اي مسيحا اڃان**

**تنهنجن گيتن ۽ بيتن جي گونجار کي،**

**سُرَ صدائن سان**

**ويرين جي للڪار کي،**

**ديس جي در ديوارن وساريو نہ آ.**

**خوشبو خوشبو تنهنجا گيت ڳائي پئي،**

**ميندڙرا مَن گهُريا!**

**تنهنجو نالو وٺي،**

**سنڌ جي هر هِڪ ڳَلي،**

**توکي ساري پئي،**

**اي منهنجا همسفر**

**هم قدم هن نشين.**

Gul Hayat Institute

# ڌرتيءَ جو عشق انوکو آ!

هڪ سرسوتي هڪ هاڪڙو
هڪ ٻاگهل هڪ جوڙو جکرو
ڌرتيءَ سينن کي دان ڏنو
ڌرتي هڙنن جي آ هستي،
هڪ سرسوتي.....

ڌرتيءَ جهڙو ڏنوان نہ کو
هن ڀونءِ جيان ڀڳوان نہ کو
الزام کٽي انعامَ ڏئي،
سرمستين جا سَوَ جامَ ڏئي،
هن سان ناتي جو اور نشو
جن لاتو تن مستن کان پڇو
هڪ روپلو هڪڙو دودو هو
جن نعرا هڻي نينهن لاتو هو
ڌرتيءَ ڀي انهن کي وچن ڏنو
انهن کان وچن ڌرتيءَ ڀي وتو
هيءَ صديون تنهن کي سنواريندي،
جو هن سينڌ سنواريندو
آخر اهڙو اعلان ڪڍي،
کنڊ کنڊ وستيءَ جي جاڳي اٿي،
سنڌ اهڙي تتي، ٽاندا ٿي مستي،
هڪ سرسوتي.....

Gul Hayat Institute

ڌرتيءَ جي الستي مستي آ،
هن مستيءَ ريءَ ٻي پستي آ،
سائبيريا جي پکين وانگر،
جي جوءِ ڇڏي ويندا سون اگر،
گولين سان اڏاريا ويندا سين،
راهن ۾ رُلايا ويندا سين،
ماڻهوءَ جو مانُ ۽ مريادا،
اعزاز، لقب، تمغا، تحفا،
سڀنن جو ڌرتي اوڙو آ،
جو سوره آ، جو سوڙو آ،
جنهن جنهن جيڏيءَ کي جيءُ ڪيو،
تنهن کي هن امرت پيءُ ڇيو،
ڌرتيءَ جو عشق انوکو آ،
ڪنهن چنڊ چڪور جو ليکو آ،
جيڪو پي رَتو سو ايئن مَتو،
جو ٻيءَ بازار ۾ ڪينَ ڪَتو
جنهن مٽيءَ مان هو ڄايو آ،
تنهن مٽيءَ جو رکوالو آ،
هو سمجهي ٿو هو مرڻو آ،
هيءُ جيءُ اڳي پو جهَرڻو آ،
سنگهر ڪان سَگ لنوائيندو،
هو پير ڪڙيون جي نہ پائيندو،
تہ پوءِ ڪير ملهائيندو مستي،
هڪ سرسوتي.......
هڪ ٻاگهل..........

Gul Hayat Institute

* سرسوتي: هندن جي ديويءَ جو نالو ۽ ان نالي سان وڏي ندي جيڪا ڪڏهن ٿر وٽان بہ گذرندي هئي.

* هاڪڙو: شوالڪ جبلن مان نڪرندي سرسوتي ندي جڏهن بهاولنگر وٽ اچي ٿي تہ کيس هاڪڙو ندي سڏيو وڃي ٿو. ايچ ٽي ليمبرڪ جي لکت موجب هي وهڪرو سنڌ جي اتر، اوڀر واري ريگستاني حصي وٽ جتي ضلعي سانگهڙ ۾ هاڻي جمڙائو ۽ منڙائو واهہ آهن اتي هن وهڪري جا آثار ملن ٿا.

# اِبنِ آدم جو سفر!

بند نيڻن ۾،
ڏينهن جا اولڙا،
منٽ، سيڪنڊ، سال گذري ويا هليا
پابہ زندان هوندي،
پيي اُڏري ويا.
ڪنهن بہ سنگهرَ ۾ نہ سي ڪڙجي سگهيا!
پنهنجي ڌن ۾،
بي ڊپيءَ رفتار سان،
جهومندڙ پاڇا مڌر جهنڪار سان،
ڪنهن الائي ڪنهن طرف ويندا رهيا،
پيت ٽنگيل گهڙيال جا ڪانٽا ٻئي،
موسمن جي آگهي ڏيندا رهيا.
وقت جي لڙهہ ۾ حياتيءَ جا مٽيا
باز جي چنبن ۾ جيون جا ڪٽا،
برهمچاريءَ جي جيڙ واري جٽيا،
روز ڪا تِڪ تِڪ سٽائيندي رهي،
مان تہ ڇا!
پر ڪنهن پيي ڪجھہ ڇاتو نہ هوا!
وقت، ساڌو، سَنتُ يا پوپو هيو!
غاريا هُن پار جي اسرار جي ڪهڙي خبر
پوپ، پنڊت، بازيگر،
سَڀُ بي خبر



Gul Hayat Institute

ڪل ڪتابن جا صفحا،
حاشيا ۽ ڪاڳر بي خبر
ڪو پتو ناهي تہ
اونهي جَلَ مٿان
ٻوڏبيون ٻيڙيون ڪڏهن ڪان ٿيون ٻڪن،
هي ڪروڙن، اڻ ڳڻين، صدين ڪان ساگر جو سفر،
ساگر بہ تنهن ڪان بي خبر،
۽ انهيءَ ساگر ڪناري سانجهہ جو
شدتن سان روز ٿي خواهش اٿي
نرتڪيءَ جي جهانجهہ جا پيرا ڪٽي،
وادي سَمِر واديءَ جي آوازن منجهان،
درد جي سيني سُرن جا الميا!
پاتال جي پاڙن وٽان ڪوٺي ڪيان
زخميل ڪونجن ۽ ڳيرن جا پهر
نيرڳن، آڙين ۽ هرڻين جي عمر
گولين ڪان ڪنبندي گذري وئي،
جنگ جو وحشي سفاڪن جا عَملَ،
هن خدا جي وستين،
ندين،
هوائن،
روشنين،
تارن، ڪتين ۽ ڪهڪشائن،
ڪي ڪڙوليندا رهيا،
اڻ ڳڻين نارين
۽
ڳيرن جا جسم
محبتن جون پيتائون ڏيندا رهيا،

Gul Hayat Institute

ڪيترين ڪوڙين اَنائن جا غصا،
ملڪيتن، سڱاوتين جا سِلسِلا،
ٿورڙين ڳالهين جون ننڍڙيون رنجشون،
بي رحم بندوق نالين جا ڇرا
ڪِن مڏين، تکين ڪهاڙين جا ڦرا
ترڦندڙ لاشُن جا ڊِڳَ ڏيندا رهيا،
بي ڪفن جسمن جون هي آلودگيون،
ڍير تي پيل ماس سان ڪينئرا بدن
بند ٻورين ۾
ٻُيا ٽيل زندگيون
هي مشينن سان سوراخيل ڇاتيون،
لوهي شيخن سان ڏنيپل چمڙيون سڄيون،
آمي، ڦاپيءَ جون ڇيهاڙيل عصمتون
راجيءَ جون ميلي ۾ گم تي ويل گُڏيون
يا شهنشاه جون ڇُٽايل محبتون
درد جي صحرا مان اٿندڙ سِسڪيون
هر گهڙيءَ اتهاس کان پڇنديون رهيون:
”اِبن آدم جي جياپي جو سفر،
ڇو پلا هي ذلتون سهندو رهيو
ڇو انيائن جا گهڙا پربا رهيا،
اُپ جي هن پار آهُن جا ڇڙا،
هر گهڙيءَ دانهون ڪٽي وڃندا رهيا،
صوماليه جي ٻارڙن وارا جسم،
ماس کان آجا، ڦِڪا ڪارا جسم،
مصورن جي ڪينواسن ۾ گهڙي،
زندگيءَ جي ارٿي گهليندا رهيا،
پيرس ۽ لنڊن جون آرٽ گيلريون،



Gul Hayat Institute

افلاس جا ڍانچا فريمن ۾ رکي،
عالمي ميلا لڳائيندين رهيون
ڪوسوو جي جنگ جا گهرا زخم،
سرب فوجين جون فحاشي وحشتون،
بوسنيا جي ننگي نارين جا جسم،
ڍاڪا جون يادون ڏياريندا رهيا،
بعضي بي مقصد عراقي سرحدون،
موتمار بارود سان ڇٽيون ويون،
مونيڪا ٽرائل جون هڙئي حاضريون،
بغداد ۾ بغداد ٻاريندين رهيون
استنگر ميزائلن جون بارشون،
عالمي توجہ جا نيشانا وني،
موضوعن جا رخ مٽائيندين رهيون،
ڪلنٽن جي جنسياتي جُرم جو
عيوضو بغداد پوڳندو رهيو،
خالق ٿي ڄاڻي ناگاساڪين جيان،
ايٽمي ذرن جي گهيرن ۾ اچي،
ڪيترا ايندڙ نسل بغداد جا،
معذروين جا گهاو کائيندا رهن،
ڃِ پنوشيءَ کان اڳي يا پوءِ جا
ڪير ڄاڻي،
ڪل نسل ڪش حڪمران،
ڪيسين جيئڻ جون حسين تر جنتون،
اوجهڙي ڪئمپون ٻڌائيندا رهن،
ڪيترا، سيزر، وليم، هٽلر، حجاج،
بال ٺاڪر، زار، ترخان، طورخان،
حاڪميت واري جنونيت ۾ اچي،

Gul Hayat Institute

آسماني واعظن جا داپ ڏئي
هُن مٿئين مالڪ جي سهڻي سرزمين،
مذهبن، فرقن ۽ نسلن ۾ ونڊي،
محڪوميت وارو تسلسل ٿا گهرن،
زندگيءَ جون اڄ بہ
ساريون حُرمتون،
شاهي فرمانن جي
آدابن اڳيان
هر گهڙيءَ پائمال ٿينديون ٿيون رهن،
اڄ بہ آدرشي ماڻهن جا مجسما،
بوميان جي چونڪ تي، گولا هڻي
توپ سان بي ڏڙڪ پوريا ٿا وڃن،
تنهن لمحي "سروم ڏکم" جو فلسفو،
پاڻ سان گڏ ارتقا جو نظريو،
هو مها يوگي سميٽي ٿو ڇڏي،
فرقيوارانہ تعصب جي پڻيان
ڪيترين مائن جي جگرن جا ٽڪر،
لاهور جي ڳلين مان گم ٿيندا ويا،
پوپٽن پويان ڊوڙيندڙ ٻارڙا
ريشمي تتلين جيان نازڪ نفيس
جيئري تيزاب ۾ ڳاريا ويا،
جن جي پهراڻن سان اکين کي ڍڪي،
جن جي تصويرن کي ڇاتين ۾ سِبي،
مامتائن جا هينئان ڦاٽي پيا،
ايترين سفاڪين کانپوءِ بہ،
ابِن آدم
شرمندو ناهي ٿيو،

Gul Hayat Institute

چو تہ اج تائين اجان قابيل تي
ڪابہ فردِ جُرم عائد ناهي ٿي.

* آمي ۽ ڦاپي: ڪجھ سال اڳ ٿتي جي پرسان عربن, شڪار واريءَ ڪيمپ ۾ ٻنهي جي عزت لٽي ڪين ماري ڇڏيو هو.
* پنوشي: چِليءَ جو معزول ڊڪٽيٽر, * زار: روس جي قديم حڪمرانن جو لقب
* وليم : برطانوي حڪمرانن جو لقب, * سيزر: روم جو بادشاھ, مصر جي ملڪ قلوپطره جو عاشق.
* بوميان: افغانستان جو شهر جتي مارچ 2001 ۾ مهاتما گوتم ٻڌ جا قديم ٻہ وڏا مجسما ڊاهيا ويا.
* جاويد اقبال مغل: لاهور جو جنوني قاتل جنهن 100 ڪان وڌيڪ جيئرن ٻارڙن کي تيزاب ۾ ڳاري ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

منهنجي ڳوٺ جا ڳالهر ماڻهو
هو جو ٻاهران کوهہ ڦِٽلُ آ،
تنهن ۾ منهنجو روح سُتل آ.

صدين جي سنگلاخ مُسافت ۾ ڦٽجي پيو،
اڻچاتل واٽون جهاڳي آخر وِرچي پيو،
سورن جا سهسين سوداءَ ڪندي ٿڪجي پيو!
دردَ جا چالا زخمي سارو روحُ ڪري ويا،
گهايَل اک مان لُڙڪ لهو بڻجي چُلڪي پيا،
لُڇَ پُڇَ جي ڪُ جاڙان ڪهڙي لوڇ لِڪل آ!؟

اوڙاهن ۾ ٻڏندي ترندي جُڳَ گذري ويا،
پار پُڄڻ جي ويساهن ۾ سج اُلهي ويا،
آس ڪي اڄ بہ اُڪار پُڪاري آءُ هلي آءِ،
پڙلاون ۾ پيچَن جا دولابَ سڏن ٿا،
آدابن ۾ ڪُل منهنجو ورثو پوپَلُ آ.

وقت جي بي پرواہ وِکن جون ٿاپوليون،
سُنبن ۾ لُتڙيل مفتوحن جون ٽوليون،
تاريخُن جون ڪُل ”تبسم“ مُبهم ٻوليون،
ارڏا ماڻهو! پوڙهي پپل کي ٽيڪ نہ ڏي،
آدم زادا! آدَجُڳاد کي ڇهڪ نہ ڏي،
اڳ ۾ ئي انسانن تان ويساهہ کَچِيلُ آ.
منهنجي ڳوٺ جا مانجهي ماڻهو.....

Gul Hayat Institute